Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني
پاڪ
ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 | خميس 27 مارچ 2025ع بمطابق 26 رمضان المبارڪ 1446ھ | قيمت 20 رپيا | شمارو: 133

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ارسا پاران چولستان ۽ ٿل ڪئنال 2 لاءِ پاڻي جي موجودگي بابت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ سميت ٻنهي ڪئنال رٿائن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ بابت داخل درخواست تي ٻڌڻي

تڪراري ڪئنالن بابت عدالت پاران وفاق، ڊپٽي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري، 7 اپريل تي جواب طلب

ارسا جو ڍانچو غيرقانوني آهي، ان جو وفاقي ميمبر سنڌ مان مقرر نہ ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري اها پاڻيءَ جي دستيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جو اختيار نٿي رکي: وڪيل

عدالت ارسا پاران ڪينالن جي تعمير لاءِ جاري ڪيل پاڻيءَ جي دستيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ غيرقانوني قرار ڏئي، ان کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي: ضمير گهمرو

پوري سنڌ احتجاج ۾ آهي، بار ايسوسيئيشنز ٺهراءُ پاس ڪيا آهن، تنهنڪري ڪينالن جي تعمير کي روڪڻ گهرجي: وڪيل جا دليل

ڪراچي: (رپورٽ: فياض قريشي) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس فيصل ڪمال جي سربراهي ۾ ڊويزن بئنچ ارسا ۾ وفاق جو ميمبر پنجاب مان مقرر ڪرڻ ۽ ارسا پاران چولستان ۽ ٿل ڪئنال 2 لاءِ پاڻي جي موجودگي بابت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ سميت چولستان ۽ ٿل ڪئنال 2 جي رٿائن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ بابت داخل /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سپارڪو پاران عيدالفطر 31 مارچ تي ٿيڻ جي اڳڪٿي

اسلام آباد: (م ڊ) پاڪستان جي اسپيس اينڊ اپرايٽموسفيئر/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

بلوچ وائيس جي مرڪزي اڳواڻ سيمي دين بلوچ جي نظر بندي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بلوچ وائيس جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

مٽي: ڪيو اي ٽي جي پيادل مارچ جو ڏيک، اياز لطيف پليجو خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌو درياهہ مان ڇهہ تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ بچايو ڪميٽي پاران قاضي احمد، ميهڙ ۽ نصيرآباد ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

وسيلن ۽ پاڻي تي ڌاڙو هڻندڙن کي عوام سڃاڻي ورتو آهي، اڄ جنگ کٽي چڪا آهيون: زين شاهہ

عيد ڪانپوءِ اپريل مهيني ۾ تڪراري ڪينال منصوبن خلاف جدوجهد تيز ڪئي ويندي، سنڌو ندي جو سودو سنڌي ماڻهو ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪندو

سنڌ جو ٻچو ٻچو باخبر ٿي ويو آهي تہ اسان کان اسان جو درياءِ کسيو پيو وڃي، وفاق هوش کان ڪم وٺي تڪراري ڪينال منصوبن کي رد ڪري

ڇهن ڪئنالن جي هلندڙ ڪم کي وائکو ڪري عوام کي حقيقتون ڏيکاري سچائي جو ثبوت ڏنو آهي، سنڌ سرڪار ڪئنالن جي مسئلي تي ماڻهن کي گمراهہ پئي ڪري: خطاب

ڪراچي(نمائندن وٽان) سنڌ بچايو ڪميٽي پاران سنڌو درياهہ مان ڇهہ تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. سڪرنڊ لڳ ڳوٺ فتح پور مان درياءَ بچايو ڪاميٽي پاران سنڌو مٿان ڪئنال /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

نصيرآباد: زين شاهہ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي، ٻي پاسي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران اضافي ڀاڙا وٺندڙن خلاف مهم جاري، 427 گاڏيون چالان، 3 لک کان مٿي ڏنڊ

مهم دوران صوبي ۾ 710 گاڏين جي چيڪنگ ڪئي وئي، 10 لک کان مٿي ورتل ڀاڙو واپس ڪرايو

سنڌ سرڪار عوام کي منصفاڻي ۽ سستي ٽرانسپورٽ فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: شرجيل انعام ميمڻ

عيد جي موقعي تي وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي: صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايت تي، عيد الفطر جي موقعي تي وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙن خلاف ٽرانسپورٽ کاتي جي مهم جاري آهي. مهم دوران سڄي صوبي ۾ 710 گاڏين جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ٽنڊو لڳ تڪراري ڪئنالن خلاف ڳوٺاڻن جي ريلي، نعريبازي

ڳوٺ منگر خان پليجو واسين رسول بخش پليجي جي آخري آرامگاهہ کان جنگشاهي تائين ريلي ڪڍي

ريلي ۾ شريڪ مردن، عورتن ۽ ٻارڙن پاران سنڌوءَ خاطر جهيڙو آ، زمينن تي قبضا بند ڪريو جا نعرا

پيپلز پارٽي ڳجهہ ڳوهہ ۾ سنڌو درياهہ وڪرو ڪري ڇڏيو آهي: عوامي تحريڪ اڳواڻ لعل جروار

ٺٽو(رپورٽ: رمضان ميمڻ) سنڌو درياهہ جي وڪيل قائد/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

مليرجي عدالت ۾ ايف آءِ اي صحافي فرحان ملڪ کي پيش ڪيو

ڪراچي(رپورٽر) جوڊيشنل مئجسٽريٽ ملير جي عدالت ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 31 مارچ کان 2 اپريل تائين عيد موڪلن جو اعلان، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ عيد جي موڪلن جو اعلان، رجسٽرار آفيس پاران نوٽيفڪشن جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ٺٽو: درياهہ تي ڌاڙي خلاف عوامي تحريڪ جي نڪتل ريلي جو ڏيک

ايوان صدر ڪئنالن جي منظوري ڏني، پ پ جو احتجاج ڊرامي کان سواءِ ڪجهہ ناهي: اياز لطيف

مٽي ۾ ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف هزارين ماڻهن جو پيادل مارچ

ڪيو اي ٽي سربراهہ جي اڳواڻي ۾ فقير صادق ڪاليج کان هزارين ماڻهن ڪشمور چوڪ تائين مارچ ڪيو

زرداري اينڊ حڪومت وٽڻ لاءِ سنڌ جي هر شي ڪپائي ڇڏي آهي، عوام هاڻي خاموش نہ ويهندو: ڪيو اي ٽي سربراهہ

مٽي (ڊ ر) سنڌو درياهہ مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف مٽي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ سنڌياڻين سميت هزارين ماڻهو فقير صادق ڪاليج مٽي کان ڪشمير چوڪ تائين /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

جيئي سنڌ محاذ پاران 4 اپريل تي سنڌو مٿان غير قانوني ڪئنال ٺاهڻ خلاف نيشنل هاءِ وي ۽ انڊس هاءِ وي بند ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهہ) جيئي سنڌ محاذ پاران 4 اپريل تي سنڌو مٿان غير قانوني ڪئنال ٺاهڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

حڪومت سولر سسٽم استعمال ڪندڙ صارفين تي اضافي ٽيڪس جي منظوري روڪي ڇڏي

وزيراعظم ۽ وزيرن سولر استعمال ڪندڙ صارفين تي اضافي ٽيڪس لڳائڻ جي مخالفت ڪئي آهي: ذريعا

شهباز شريف توانائي واري وزير کي نيٽ ميٽرنگ پاليسي تي نظرثاني جي هدايت ڪري ڇڏي آهي

حڪومت جي پوري ڪوشش آهي عوام کي هر ممڪن رليف فراهم ڪيو وڃي: وزيراعظم جي هدايت

اسلام آباد: (م ڊ) حڪومت سولر سسٽم استعمال ڪندڙ صارفين تي اضافي ٽيڪس جي منظوري/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

PAK
Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)

افطاري: بروز خميس ← 6 لڳي 47 منٽ
سحري: بروز جمعو ← 5 لڳي 10 منٽ

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)

افطاري: بروز خميس ← 6 لڳي 57 منٽ
سحري: بروز جمعو ← 5 لڳي 01 منٽ

درازا شريف ۾ سچل سرمست جي درگاهہ تي جسقم شهيد بشير خان قريشي پاران قومي ڪٺ

ڪئنالن خلاف 10 اپريل تي ڪراچي ۽ 13 اپريل تي ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ بک هڙتال ڪبي: جسقم

6 اپريل تي سڄي سنڌ ۾ ريلي ۽ مظاهرا ڪيا ويندا ۽ 20 اپريل تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو: نياز ڪالاڻي

پنجاب سامراج هميشہ سنڌ کي وڏو نقصان رسايو آهي، سنڌو درياءَ مٿان 6 ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ جي معيشت کي وڏو نقصان رسندو

سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سائين جي ايم سيد جي ڏنل ڏس پنڌ تي هلڻ سان ئي مسئلا حل ٿيندا: حسين بخش ٿيٻو

شروع کان وٺي سنڌ ۽ سنڌي قوم سان زيادتي ڪئي وئي آهي، هر موڙ تي سنڌين کي پوئتي رکيو ويو آهي: سرفراز ميمڻ

راڻيپور: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻيا قومي ڪٺ کي خطاب ڪري رهيا آهن

راڻيپور(رپورٽ: ماجد ملاح) جسقم شهيد بشير خان مرڪز طرفان ٿيون قومي ڪٺ سنڌ جي سرمست /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد پاران ووٽ جي اهميت بابت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ سيمينار ڪوٺايو ويو

نواب شاهہ (ڊ ر) ضلع اليڪشن ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد پاران چونڊ عمل ۾ نوجوانن جي شموليت جي حوالي سان هڪ آگاهي سيمينار /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

ميهڙ ۾ سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاجي مظاهرا، ريليون، ڌرڻا

سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين اخلاق علي جي اڳواڻي ۾ ميهڙ _ ٻيٽو روڊ تي ڌرڻو هنيو

شاگرد اتحاد ميهڙ پاران باءِ پاس کان گهنٽاگهر چوڪ تائين احتجاجي ريلي نڪتي، نعريبازي

ميهڙ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي وڪيل بہ رستن تي اچي ويا، ڇهين ڏينهن بہ علامتي بک هڙتال ڪئي

ميهڙ (رپورٽ : عظيم جانوري) سنڌو درياءَ مان 6 ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي زمينن جي والار خلاف برائيٽ ماڊل اسڪول ميهڙ جي سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين نزاڪت علي جهتيال، باسط علي جتوئي ،/ڏسو صفحو 3 بقايا 40

سنڌ حڪومت پاران ٻارن جي پيدائش جي رجسٽريشن لازمي قرار ڏيڻ جو فيصلو

چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ جي صدارت هيٺ ٻارن جي حقن جي تحفظ حوالي سان اجلاس

ٻارن جي روشن مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر صورت ۾ رجسٽريشن لازمي ڪئي وڃي: چيف سيڪريٽري

صوبائي حڪومت اڳ ئي سنڌ جي هر علائقي ۾ پيدائش جي رجسٽريشن کي مفت ڪري چڪي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ٻارن جي حقن جي تحفظ ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهہ جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري صحت ريحان اقبال بلوچ، /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

ڪنڌڪوٽ ۾ ڀتو نہ ڏيڻ تي هندو واپاري زخمي، واپارين جو انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

هٿياربندن سبزي منڊي تي ڪاهہ ڪري واپاري راڪيش ڪمار تي هٿيارن جا منهن پڻ ڪولي ڇڏيا

واقعي خلاف واپاري مچرجي پيا، انڊس هاءِ کي بلاڪ ڪري ڇڏيو، گاڏين جون قطارون پڻ لڳي ويون

زخمي اسپتال منتقل (20 لک ڀتو گهريو ويو هو واپاري) پوليس ڳالهين ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سبزي منڊي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

نيوسعيدآباد لڳ جوابدارن جو ناري فرار ڪرائڻ جي الزام هيٺ عورت تي تشدد، تذليل، ڪيس داخل، 5 ڄڻا گرفتار

واقعو ڳوٺ غلام محمد مناهجا ۾ پيش آيو، حامد مناهجو، راجا، شير سميت ڏهہ جوابدارن حسنا تي تشدد ڪيو ۽ وارڪٽري تذليل ڪري ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو

ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پوليس پهچي عورت کي بازياب ڪرائي ٿاڻي تي آندو، ليٽر ڏئي تعلقي اسپتال اماڻيو

متاثر عورت جي رحيم بخش جي فرياد تي 10 ڄڻن تي ڪيس داخل، پوليس ڇئن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

نيوسعيد آباد: تذليل جو نشانو بڻيل عورت، ٻي پاسي گرفتار ٿيل جوابدار

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد ويجهو ڳوٺ غلام محمد مناهجا ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ واقعو، 40 سالا مسمات حسنا زال محمد اسحاق مناهجو تي ڇوڪري کي گهران فرار ڪرائي پسند جو پرڻو ڪرائڻ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

سکر ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي تمام ايس ايچ اوز جون مقرريون بدليون

سکر(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل پاران سکر ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي تمام ايس/ڏسو صفحو 3 بقايا 44

چيئرمين راغب حسين نعيمي جي صدارت ۾ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جو اجلاس

بنا اجازت ٻي شادي ڪرڻ تي پهرين گهرواري کي نڪاح ختم ڪرڻ جو حق ڏيڻ غير شرعي قرار

اهڙو عدالتي فيصلو جيڪو پهرين گهرواري کي اهو حق ڏئي، اهو شرعي نظر ۾ درست ناهي: چيئرمين

اسلام آباد (م ڊ) اسلامي نظرياتي ڪائونسل بنا اجازت ٻي شادي ڪرڻ تي پهرين گهرواري کي نڪاح ختم ڪرڻ جو حق ڏيڻ غير شرعي قرار ڏئي ڇڏيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

اسرائيل جا غزه تي حملا جاري، 7 ٻارڙن سميت 30 فلسطيني شهيد

اسرائيلي بمباري سبب هڪ هفتي دوران 270 ٻار شهيد ٿيا آهن: سيو دي چلڊرين

عالمي برادري اسرائيلي جارحيت کي روڪرائي دنيا ۾ مظاهرا ڪري: حماس

غزه: (م ڊ) اسرائيل جا غزه تي وحشيانا حملا جاري آهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سنڌ جي وڏي وزير سان اٽلي جي نئين قونصل جنرل جي ملاقات، واپار ۽ سيڙپڪاري تعاون تي ڳالهہ ٻولهہ

اٽلي جا سيڙپڪار سنڌ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ گهري دلچسپي رکن ٿا: فيبريزيو

سنڌ حڪومت اٽلي سان مڪمل سهڪار ڪندي: سيد مراد علي شاهہ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

نوشهروفيروز پرسان پسند پرڻي لاءِ ناري ڪٽي ويندڙ نوجوان پلاند ۾ قتل

ڳوٺ عرس سولنگي ۾ هٿياربندن دلاور سولنگي کي قتل ڪري ڇڏيو

ياءُ ناري ڪٽي ويو هو، ٻاڻرن جي مداخلت تي واپس ڪئي، ڌمڪيون ملنديون هيون: ياءُ

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ عرس سولنگي ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو آهي مقتول نوجوان دلاور /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

عيد تي پاڻي فراهمي ۽ نيڪالي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن: سي اي او واٽر ڪارپوريشن

مسجدن، عيدگاهن، امام بارگاهن ۽ مدرسن جي رستن کي صاف سٿرو ڪيو وڃي

انتظامن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ٿيڻ گهرجي: احمد علي صديقي جي هدايت

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) سي اي او واٽر ڪارپوريشن احمد علي صديقي واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن کي هدايتون ڏيندي چيو آهي تہ /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

نيشنل پارٽي سنڌ پاران بلوچ يڪجهتي ڪميٽي اڳواڻن جي گرفتارين جي مذمت

پر امن مظاهرين جي گرفتاري ۽ تشدد وارو عمل آمريت جي نشاني آهي: تاج مري

سياسي ڪارڪنن تي رياستي تشدد جمهوريت جو قتل آهي: مجيد ساجدي/ شاهينہ رمضان

ڪراچي (پ ر) نيشنل پارٽي سنڌ جي سنڌ جي صدر تاج مري، جنرل سيڪريٽري مجيد ساجدي، مرڪزي نائب صدر برائي سنڌ شاهينہ/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدم کنيا وڃن: اسٽيڪ هولڊر

موسمياتي خطرن بابت گڏيل ڪوششون وٺڻ جي ضرورت آهي: مسز فوزيہ عزيز

برانڊ پروجيڪٽ جو مقصد ڊي آر آريونٽن جي ۾ هم آهنگي کي بهتر بڻائڻ آهي: خطاب

ڪراچي (پ ر) "موسمياتي تبديلي جي ڪري آفتن جي وڌندڙ تعدد ۽ شدت آفت جي تياري، خطري جي گهٽتائي، ۽ موسمياتي موافقت ۾ فعال قدمن /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

Building Institutional Capacity and Resilience Against Natural Disasters (BRAND)
PROVINCIAL LEVEL DIALOGUE

ڪراچي: موسمياتي تبديلي جي حوالي سان ٿيل تقريب ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

قاضي احمد پرسان ٻارڙي پاڻي ڪڏ ۾ ڪري ٻڏي فوت

ڳوٺ خدا بخش سولنگي ۾ ڏيڍ سال جي ردا سولنگي دم ڏنو

اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي ڪيو ويو

قاضي احمد (غلام حسين راهو) .قاضي احمد لڳ ڳوٺ خدا بخش سولنگي ۾ گهر اندر ڏيڍ سالا ردا ڌي شير خان سولنگي پاڻي جي ڪڏي ۾ ڪري ٻڏي/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

مديجي لڳ جتوئين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، عورت قتل

گولين لڳڻ سبب بہ عورتون مسمات حوران ۽ مسمات مکڙ جتوئي زخمي ٿي پيون

عبدالعليم واري ڌر ڪٽڪ جي لاباري دوران فائرنگ ڪئي: مقتولا عورت جا وارث

مديجي (ن پ ڪ) مديجي پرسان ڳاهيجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ماڪ جي واند ۾ جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان فائرنگ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

نيوسعيد آباد ۾ نوجوان زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

وارڊ نمبر هڪ جي سوچي پاڙي ۾ اشوڪ گهر ۾ ڦاهو ڪائي آپگهات ڪيو

مڙهہ تعلقا اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد ۾ گهرو اٽڪت تان نوجوان ڦاهو ڪائي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو نيوسعيدآباد شهر جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

پيپلز پارٽي صرف اقتدار لاءِ نہ، پر عوام جي خدمت لاءِ سياست ۾ آهي: ميئر سکر

جيستائين اسان زنده آهيون، سکر شهر جي ترقي جو سفر ڪڏهن بہ نہ روڪبو: سيد زيرڪ شاهہ

پيپلز پارٽي اها سياسي جماعت آهي جيڪا صرف واعدا نہ پر حقيقي ڪم ڪري ڏيکاري ٿي

عوام جي طاقت پيپلز پارٽي سان آهي، ترقيءَ جا دشمن ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا: آجيان کي خطاب

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) سکر جي نئين ڳوٺ جو روڊ گزريل ڏهہ سالن کان ڪنڊر بڻيل عيد ويجهو اينديئي ميئر سکر علائقي واسين کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

سکر:سيد زيرڪ شاهہ افطار پارٽي کي خطاب ڪري رهيو آهي

صحافي وحيد مراد جي پيڪا ايڪٽ ۾ گرفتاري ظاهر، عدالت ۾ پيش

جج عباس شاهہ جي عدالت ۾ ايف آءِ اي صحافي کي ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو

عدالت ٻن ڏينهن لاءِ صحافي کي جسماني ريمانڊ لاءِ ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو

اسلام آباد: (م ڊ) فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي(ايف آءِ اي) اسلام آباد سان تعلق رکندڙ صحافي وحيد مراد جي پيڪا قانون جي ڪيس ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

عيد سنڌو درياهہ جي وهڻ سان مشروط، جسقم چيئرمين پاران احتجاج جو اعلان

سنڌين جي اصل عيد ۽ خوشي سنڌو درياهہ جي موجن ۽ جهومندڙ لهرن سان آهي: صنعان قريشي

سنڌو سڪل آهي، سنڌي قوم جي بقا کي خطرو لاحق ٿي ويو آهي اهڙي وقت ۾ عيد ملهائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي

وفاقي حڪومت ۽ پنجاب پنهنجي پاليسيون تبديل نہ ڪيون تہ تاريخي احتجاج ڪندي پنجاب جا رستا بند ڪيا ويندا: پڙدائي

گڏاپ (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي چيئرمين صنعان خان قريشي عيدالفطر /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

لائين مين جي فوت ٿيڻ وارو معاملو، ايس ڊي او شهدادپور سميت 6 ڄڻا ڏوهي قرار، معطل

آفتاب باگراڻي جي فوت ٿيڻ واري معاملي جي حيسڪو چيف ڪميٽي انڪوائري رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

ايس ڊي او غيات الدين شيخ، لائين سپريڊنٽ اياز شيخ، ايم علي شاهہ شاهنواز مڪراني، آصف ڪلوئي، اشتياق پيو ڏوهي قرار

ڄاڻايل ماڻهن جي لاپرواهي ڪوتاهي ۽ غير ذميواري سبب لائين مين آفتاب مولا بخش باگراڻي فوت ٿيو: انڪوائري رپورٽ

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور بجلي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيندڙ لائين مين آفتاب مولا بخش باگراڻي معاملو /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

آفتاب باگراڻي جي موت جو جرڳو، واپڊا عملدار ڏوهي قرار، 30 لک ڏنڊ

راجوڻي فيصلو اڳوڻي سينيٽر فدا حسين ڏيرو جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو

10 لک معاف، 20لک ٻن قسطن ۾ ادا ڪندا ۽ ميڙ منت تڏو بخشرائيندا

فيصلي ۾ متاثر ڌر ڪيس داخل نہ ڪرائيندي، عملدار پاڻ جاچ کي منهن ڏيندا

فيصلي بعد ٻئي ڌريون کيرڪند، واپڊا ملازم ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪرنٽ ۾ فوت ٿيو هو

شهدادپور: شهدادپور واپڊا ملازم آفتاب باگراڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

شهدادپور: فوت ٿيل واپڊا ملازم جي تصوير، ٻي پاسي نبيري ۾ دعا گهري پئي وڃي

ڪنڌڪوٽ ضلعي جو امن بحال نہ ٿيو، پوليس ڏوهارين اڳيان بيوس، احتجاج جاري

آل پارٽيز موومينٽ ۽ شهري اتحاد جي سڏ تي گهنٽا گهر چوڪ وٽ ڪئمپ قائم ٿيل

ضلعي ۾ ڌاڙيل راڄ، ڀتاخوري، قبيلائي دهشتگردي، غنڊاگردي برقرار آهي: شهري اتحاد

ماڻهن لاءِ ڪاروبار ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، بدامني سبب ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ ڌاڙيل راڄ، ڀتاخوري، قبيلائي/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب آفيس نوشهروفيروز پاران اڄ کلي ڪچهري ڪوٺائي ويندي

نوشهروفيروز(ڊ ر) صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر خالد شيخ پنهنجي هڪ پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي تہ صوبائي محتسب اعليٰ ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ڪنڌڪوٽ: شهري بدامني جي خاتمي لاءِ احتجاجي ڪئمپ تي ويٺل آهن

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔ فون نمبر:3۔021_35655872 فيڪس نمبر:021_35655874
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

خميس 27 مارچ 2025ع بمطابق 26 رمضان المبارڪ 1446هه

ٻارن جي پيدائش جي رجسٽريشن لازمي قرار

ٻارن جي حقن جي تحفظ ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سيڪريٽري صحت ريحان اقبال بلوچ، سيڪريٽري انفارميشن ٽيڪنالاجي نور احمد سمون، سيڪريٽري سوشل پروٽيڪشن، ڊي جي نادرا سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران چيف سيڪريٽري سنڌ ٻارن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن کي ويڪسين، تعليم ۽ صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پيدائش جي رجسٽريشن جي اهميت کي اجاگر ڪيو. هن اعلان ڪيو ته صوبائي حڪومت سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ترميم ڪندي ته جيئن پيدائش جي رجسٽريشن لازمي بڻائي سگهجي. هن چيو ته هي قدم 100 سيڪڙو رجسٽريشن جي هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو. چيف سيڪريٽري وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت اڳ ئي سنڌ جي هر علائقي ۾ پيدائش جي رجسٽريشن کي مفت ڪري چڪي آهي، ته جيئن مالي رنڊڪن کي ختم ڪري سگهجي ۽ هي سهولت خاص طور تي پوئتي پيل طبقن تائين پهچائي سگهجي. هن فعال قدمن سان رجسٽريشن جي عمل ۾ تيزي ايندي، خاص طور تي انهن ڳوٺاڻن ۽ پري پري وارن علائقن ۾، جتي ماضيءَ ۾ رجسٽريشن جي شرح گهٽ رهي آهي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو ته ٻارن جي حقن جو تحفظ، انهن جي خوشحالي ۽ محفوظ ٻالڪپڻ هر ٻار جو بنيادي حق آهي، ۽ هي حق ان وقت تائين قانوني حيثيت نٿو ماڻي، جيستائين انهن جي پيدائش جي رجسٽريشن نه ٿئي. اجلاس دوران ٻڌايو ويو ته پيدائش، شادي، طلاق ۽ وفات جي رجسٽريشن جي ذميواري سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013 تحت مڪاني حڪومت جي آئيني ذميواري آهي. چيف سيڪريٽري چيو ته مڪاني ادارن ۽ نادرا وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي، ته جيئن پيدائش جي رجسٽريشن لاءِ مڪمل ڊيجيٽل ڊيٽا انٽري نظام لاڳو ڪري سگهجي. هي ڊيجيٽل نظام نه صرف درستگي کي يقيني بڻائيندو، پر عمل کي تيز به ڪندو، ۽ سڀني رڪارڊن کي وقت سر اپڊيٽ ڪيو ويندو. چيف سيڪريٽري سنڌ اعلان ڪيو ته پيدائش جي رجسٽريشن لاءِ سرڪاري ۽ نجي اسپتالن، ليڊي هيلٿ ورڪرن ۽ ٻين لاڳاپيل ذريعن مان ڊيٽا گڏ ڪيو ويندو، ته جيئن سنڌ جي هر علائقي ۾ ٻارن جي پيدائش جو مڪمل رڪارڊ يقيني بڻائي سگهجي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڌيڪ چيو ته پيدائش جي رجسٽريشن بابت عوامي آگاهي لاءِ هڪ جامع مهم شروع ڪئي ويندي، ته جيئن خاص طور تي پوئتي پيل علائقن ۾ خاندانن کي هن جي اهميت بابت آگاهه ڪري سگهجي. هن چيو ته والدين کي پنهنجي ٻارن جي بروقت رجسٽريشن لاءِ صحت مرڪزن، اسڪولن ۽ مقامي عملدارن سان سهڪار ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ وضاحت ڪئي ته حڪومت سمجهي ٿي ته هر ٻار جي رجسٽريشن نه صرف انهن جي خاندان لاءِ فائديمند هوندي، پر صوبائي منصوبابندي ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ ۾ به مدد ڏيندي. پيدائش جي درست انگن اکرن جي ذريعي حڪومت وسيلن جي ورڇ، صحت مهمن ۽ تعليمي ضرورتن بابت بهتر فيصلا ڪري سگهندي. چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه اجلاس جي پڄاڻيءَ تي چيو ته ٻارن جي حقن جي تحفظ، بنيادي سهولتن جي فراهمي، ۽ سنڌ جي ٻارن جي روشن مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ 100 سيڪڙو پيدائش جي رجسٽريشن جو هي منصوبو حڪومت جي اولين ترجيح آهي.

ملڪ جي سلامتي ۽ سياسي چڪتاڻ وارا سوال !

علي محمد ميمڻ

ملڪ ۾ دهشت گردي جي لڳاتار واقعن بعد ملڪ جي سلامتي ۽ امن وامان لاءِ وڌندڙ خطرن واري صورتحال کان علاوه، حڪومت جي تڪراري پاليسين ۽ منصوبن سبب وڌندڙ اندروني سياسي چڪتاڻ ڪري ملڪ جون حالتون ڪنهن به حوالي سان سازگار ۽ اطمينان بخش نه آهن. ملڪ ۾ هن وقت، بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ دهشت گردي جا ٿيندڙ لڳاتار واقعا ۽ پنجاب ۾ سنڌو درياهه مان چولستان لاءِ نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ صوبي ۾ پڻ ماحول تمام گرم آهي ۽ مختلف ننڍين جماعتن طرفان هلندڙ احتجاجن بعد ملڪ جي وڏي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي پڻ ميدان ۾ لهي پيئي آهي. هن کان اڳ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري طرفان سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ جي سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ وفاقي سرڪار کي هڪ طرفيون ڪارروائيون ڪرڻ کي ملڪ ۽ وفاق لاءِ هاڃيڪار قرار ڏنو ۽ حڪومت کي اهي منصوبا ختم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. جڏهن ته انهن کان علاوه سنڌ صوبي ۾ مختلف ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ قوم پرست ڌرين ڌرين طرفان پڻ احتجاجن جو سلسلو هلندڙ آهي. اهڙي ريت، پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان 4 اپريل 2025ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ۽ قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي ورسي جي موقعي تي ڪئنالن خلاف وڏو احتجاج ڪرڻ ۽ ملڪ گير تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي سنڌ طرفان صوبي ۾ 25 مارچ کان احتجاجي ريلين، مظاهرن جي شروعات ڪئي وئي آهي ۽ سموري سنڌ ۾ ڪئنالن خلاف وڏي هلچل ۽ گهڻ رخي تحريڪ اڀري مٿي اچي رهي آهي.

خاص طور تي جنرل مشرف واري حڪومت ۾ سنڌو درياهه مان زوري ڪڍيل چشما لنڪ ڪئنال ذريعي سنڌو درياهه جي پاڻي تي لڳايل مستقل ڌاڙي بعد چشما لنڪ ڪئنال جي هڪ توسيعي ۽ اضافي چوپارا ڪئنال ۽ چولستان ڪئنالن جي کوٽائي ڪرڻ وارا اهڙا واقعا سامهون آيا آهن جنهن مان معلوم اهو ٿي ويو آهي ته ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي عملي طور تي ڪابه حڪمراني ناهي پر ملڪ ۾ طاقتور ڌرين ۽ زورآورن جون من مانيون ۽ ارهه زوراريون ئي حڪومتن ۽ حڪمرانن جا تڪراري مقصدن جي حاصلات لاءِ ڏاڍ مڙسي ئي قانون ۽ آئين بنجي ويو آهي جيڪا صورتحال ملڪ جي وفاق کي اڌوهي وانگر کائڻ لڳي آهي جنهن ڪري ملڪ جي قومي يڪجهتي کي ڪاپاري ڌڪ ۽ ملڪ جي قومن واري وفاقي اتحاد جاپڻ تمام وڏا نقصان ٿيا آهن. سنڌو درياهه ملڪ جي وجود جي علامت ۽ ان جي پاڻي جي ملڪ ۾ منصفاڻي ورهاست ملڪ لاءِ تمام ضروري آهي. خاص طور تي وفاق ۽ صوبن ۾ 1991ع واري پاڻي جي ورهاست واري ٿيل معاهدي تي هرهڪ ڌر جو قائم رهڻ ۽ ليڪا نه لتاڙڻ ئي ملڪ جي وفاقي سرشتي ۽ هن معاهدي جي اصل روح آهي پر حڪمران ڌرين ۾ موجود لالچي، اکين پور ۽ غير ذميوار عناصرن جي سازشن ڪري اڪثر ملڪ ۾ وفاق ۽ صوبن ۾ اڪثر اختلاف ۽ مختلف نوعيت جا تڪرار اڀري پوندا آهن ۽ ان بعد حالتن کي وري معمول تي آڻڻ لاءِ ڪاوشون ڪيون وينديون آهن پر ان دوران جيڪي نقصان ٿي چڪا هوندا آهن انهن جو وري پورائو يا ازالو ٿي نه سگهندو آهي. اهڙي ريت حادثن جا نقصان ڀوڳڻ بعد به حادثن جا سبب ۽ پاڙون برقرار رهڻ ڏنيون وينديون آهن. جنهن سان اهي حادثا ۽ واقعا وري وري ٿيندا رهندا آهن.

هڪ پاسي، افغانستان مان دهشت گرد ملڪ ۾ اندر گهڙي اچي حملا ڪري رهيا آهن ته ٻئي پاسي، بلوچستان ۾ هندستان جي مداخلت وارا معاملا پڻ سامهون اچي رهيا آهن. جڏهن ته ملڪ جي اندر پڻ شديد قسم جي سياسي بي چيني ۽ بي يقيني واري صورتحال موجود آهي. ملڪ ۾ عوامي سطح تي ڪيترائي تڪراري معاملا پڻ ملڪ ۾ سياسي تپش وڌائڻ جو سبب بنجي رهيا آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي ملڪ جي وڏين سياسي جماعتن ۾ پڻ حڪومتي پاليسين تي اختلاف ۽ تڪرار ڏينهون ڏينهن وڌي وڌ ٿي رهيا آهن. وزيراعظم ميان شهباز شريف واري سربراهي واري وفاقي سرڪار پنهنجي حڪومت برقرار رکڻ واري قومي اسيمبلي ۾ پنهنجي عددي اڪثريت کان محروم آهي پر هو قومي اسيمبلي ۾ پنهنجي اتحادي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽيڪ تي هلي رهي آهي، جيڪا حڪومت ۾ شامل ته نه آهي پر حڪومت جي اتحادي ۽ مددگار ضرور آهي ۽ هن جي پارليامينٽ ۾ ميمبرن جي تعداد ٽئين نمبر تي آهي. جڏهن ته، ملڪ جي ٻئي نمبر واري جماعت پاڪستان تحريڪ انصاف پنهنجي ليڊر عمران خان کي سزا لڳڻ ۽ جيل ۾ رهڻ ڪري عملي طور تي هن جماعت جون سرگرميون تمام محدود ۽ هڪ لحاظ کان معطل ۽ حڪومت سان مستقل بنيادن تي ٽڪراءُ واريون آهن. ملڪ ۾ ڊگهي مدت کان جاري سياسي چڪتاڻ گهرو سياست ۾ اختلافن جي شدت، حڪومت جي تڪراري پاليسين عوام کي پڻ ناراض ڪيو آهي ۽ سياسي ايڪتا قائم ڪرڻ بجاءِ ورهائي ڇڏيو آهي.

ٻئي پاسي، ملڪ ۾ دهشت گردي جي لڳاتار واقعن ۽ سانحن تي قومي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس سڏايو ويو ته ان ۾ حڪمران جماعتن جي اتحاد ۾ شامل جماعتن مسلم ليگ ن، پاڪستان پيپلز پارٽي، جميعت علماءِ اسلام ۽ ٻين جماعتن شرڪت ڪئي پر مخالف ڌر جي سڀ کان وڏي جماعت پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت طرفان ملڪي نوعيت جي معاملن ۾ پنهنجو حصو وجهڻ ۽ پنهنجي آئين ۽ منشور جي ڳالهه ڪرڻ بجاءِ هنن طرفان رڳو هڪ نقطو سندن ليڊر جي پيرول تي آزادي ۽ اجلاس ۾ سندس شرڪت جا شرط رکي عملي طور تي ملڪ جي معاملن ۽ ملڪ ۽ پنهنجي جماعت جي آئيني فرضن کان ڪنڌ ڪڍي لنوايو ويو ۽ آخرڪار پنهنجي سياسي غلطي جو احساس ٿيڻ بعد پنهنجي فيصلن تي افسوس جو اظهار پڻ ڪيو ويو جيڪا سٺي ڳالهه آهي. پر جنهن جماعت ۾ هڪ ليڊر کانسواءِ جماعت جي چيئرمين سميت ٻيو ڪوبه عهديدار يا اڳواڻ بي اختيار ۽ بي وس هجي ته پوءِ ان جماعت کي ملڪ جي سياسي ڌارا ۾ اڳتي وٺي هلڻ ۽ ملڪ جي معاملن سان جوڙڻ لڳ ڀڳ ناممڪن ٿي وڃي ٿو. ملڪ جي هن وڏي جماعت تحريڪ انصاف جي سياسي جوڙجڪ ئي ڪجهه اهڙي ٿيل آهي ته هي پنهنجي سربراهه عمران خان جي چوڌاري ڦري رهي آهي ۽ اهو ئي هن جماعت جو اصل مالڪ ۽ مختار ڪل آهي ۽ باقي اڳواڻ صرف نالي ماتر ئي آهن. عملي طور تي هن جماعت جي سموري سياست ۽ جدوجهد صرف ۽ صرف پنهنجي ليڊر کي جيل مان آزاد ڪرائڻ تائين ئي محدود آهي ان کان علاوه هن جماعت لاءِ جيل کان ٻاهر موجود سندن جماعت، ووٽرن ۽ عوام جي مسئلن ۽ فرضن سان سندن ڪو خاص تعلق ۽ لاڳاپو نظر نه ٿو اچي.

ملڪ کي لاڳو خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ ملڪ ۾ عوامي سطح تي اثر رکندڙ وڏن ۽ وڏي جماعتن ۽ ڌرين کي اهوئي سبب آهي جو گذريل ڏينهن اسلام آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو طرفان پنهنجي خطاب ۾ حڪومت کي اها تجويز ڏني وئي آهي ته ملڪي ۽ قومي سلامتي جي معاملن تي وڏن ۾ وڏن جماعتن کي گڏجڻ جا موقعا ڏنا وڃن ۽ ڪنهن به سبب ڪري جيڪڏهن پي ٽي آءِ شريڪ نه ٿي سگهي ته هن کي وري موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ هڪ مهيني بعد وري اجلاس سڏائي وڌيڪ سياسي ڌرين کي گڏ ڪيو وڃي. چيئرمين بلاول ڀٽو جي تجويز کي وفاقي حڪومت طرفان سٺي موٽ ملي آهي ۽ حڪومت طرفان پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين کي مخالف ڌر سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ انهن کي راضي ڪرڻ لاءِ تياڪڙي ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. پر پي ٽي آئي سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ انهن جا پنهنجي ليڊر عمران خان کي آزاد ڪرڻ بعد ڳالهيون ڪرڻ وارا مطالبا پورا ڪرڻ پيپلز پارٽي جي يقينن اختيار ۾ نه آهن. اهي حڪومت جا معاملا ۽ اختيار آهن پر اسان کي معلوم اهي ته حڪومت وٽ به ان ڏس ۾ محدود اختيار آهن. ڇاڪاڻ جو اها کليل اکين سان ڏسڻ واري حقيقت ٿي آهي ته وفاقي حڪومت ڪيتري قدر بااختيار ۽ بااصلاحيت آهي؟. ان لحاظ کان حڪومت وٽ به پي ٽي آئي جا اهڙي قسم جا مطالبا پورا ڪرڻ ممڪن نه ٿيندو تنهن هوندي بر پي ٽي آئي جي جيل کان ٻاهر موجود قيادت کي جيڪڏهن ملڪ جي سياسي صورتحال ۾ پنهنجي اختيار ڪيل غير سياسي روئيي تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت ۽ احساس ٿيو آهي ته پوءِ يقينن حڪمران جماعت بجاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ذريعي ٿيندڙ ڳالهيون وڌيڪ لاڀائتيون ۽ مفيد ٿي سگهن ٿيون ان کان علاوه سنڌو درياهه مان وڌيڪ 6 ڪئنال ڪڍڻ واري ٻرندڙ معاملن سان سنڌ جي سمورين سياسي ۽ سماجي ڌرين کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي جنهن سان سنڌ جي ڪروڙين ماڻهن جي جياپي ۽ مستقبل جي غير محفوظ بنجي وڃڻ واري صورتحال اڀري مٿي آئي آهي انهن مسئلن کي 1991ع واري وفاق ۽ صوبن وچ ۾ ٿيل پاڻي جي ورهاست واري معاهدي تي ان جي روح موجب حل ڪرڻ، چشمه جهلم لنڪ ڪئنال واري غير آئيني ۽ غيرقانوني منصوبي جو خاتمو ڪرڻ ۽ ان بعد پنجاب ۾ ٺهندڙ ٻن ٻين هاڃيڪار منصوبن چوپارا ڪئنال ۽ ٿل ڪئنال منصوبن کي ختم ڪرڻ ۽ صوبن ۾ پاڻي جي ورهاست واري معاهدن تي مستقل بنيادن تي عمل ڪرڻ سان ئي ملڪ ۾ وفاقي سرشتي جي مضبوطي، سياسي مفاهمت، اتحاد ۽ بهتري وارا رستا يقينن نڪري سگهن ٿا. #

سنڌ ۾ تبديل ٿيندڙ سياسي وايومنڊل !

غلام حسين لغاري

سنڌ جا سياسي حلقا هاڻ سنڌ جو سياسي منظر نامو تبديل ٿيندي محسوس ڪري رهيا آهن جيڪو ايندڙ عام چونڊن ۾ يا ان کان اڳ تبديل ٿيندي محسوس پيا ڪن جنهن جو وڏو سبب سنڌ سان وڌندڙ ۽ ٿيندڙ زيادتيون آهن جيڪي وفاق يعني پنجاب ۽ خود سنڌ جي اقتداري قوتن کان ٿيندي ڏسڻ ۾ پيون اچن جنهن کي بنياد بڻائي سنڌ جو قومپرست توڙي سماجي طبقو ۽ عام ماڻهو احتجاجي سياست پيو ڪري پر خود حڪمران به ان ڳالهه کي مڃين پيا ته پنجاب ۽ وفاق جيڪي به فيصلا ڪرڻ ۾ جلد بازي پيو ڪري اهي سنڌ مخالف آهن جن ۾ نون ڪئنالن جي اڏاوت به شامل آهي جنهن سان سنڌ ايندڙ سالن ۾ معاشي طور تباهه ٿيڻ وڃي آهي جنهن جي نشاني سنڌ ۾ سوڪهڙو ۽ گهٽجندڙ زرعي پيداوار انهي حد تائين جو سنڌ جي ماڻهن جو سياسي سماجي ۽ معاشي حق ڦٻائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي جنهن جو وڏو ڪارڻ سنڌ ۾ ون پارٽي اقتدار آهي جيڪو هاڻ سنڌي ماڻهو توڙي سنڌ ۾ رهندڙ ڌاريا به برداشت نٿا ڪن هڪ پارٽي جي تسلسل سبب سنڌ ۾ بدامني لاقانونيت ۽ بدعنواني به عروج تي آهي جنهنڪري اغوا قتل ۽ عام ماڻهن جي ملڪيتن تي ناجائز قبضا به ٿي رهيا آهن جنهنڪري اقليتون توڙي عام ماڻهو لڏپلاڻ ڪري هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃن ٿا جنهنڪري به انهن ۾ مايوسي پيدا ٿي چڪي آهي

سنڌ هن وقت مختلف معاشي ۽ سياسي مسئلن جو شڪار آهي جن مسئلن تي مخالفن خاص ڪري قومپرست ڌرين جي سياست هلي رهي آهي ۽ روز احتجاج ٿين ٿا ريليون نڪرن ٿيون جنهن سنڌ حڪومت کي ٽف ٽائيم ڏنو آهي جيڪا پڻ عوامي دٻ جو شڪار آهي ۽ هي دٻ کي نظر ۾ رکندي تازو وزيرن جي کاتن ۾ به ردوبدل ڪئي وئي آهي ۽ اهي کاتا هن ماڻهن ۽ وزيرن کي ٻيهر مليا آهن جن جو به ماضي ۾ به ڪا سٺي ڪارڪردگي ناهي رهي ۽ هڪ وڏي عرصي کان وزارتن تي فائز آهن

سنڌ جا قومپرست سنڌ ۾ متبادل سياسي قيادت آڻڻ جو ارادو رکن ٿا جنهن لاءِ هنن پ پ پ شهيد ڀٽو جي قائد ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر کي سياست ۾ ان ڪرائڻ جو ارادو رکن ٿا ۽ هن به تازو به سياست جو رخ اختيار ڪيو آهي جنهن فل پروٽوڪول سان لاڙڪاڻي لڳ درياهه ڪنڌي پاڻي جي مسئلي تي هڪ احتجاجي مظاهري جي قيادت ڪندي ڏسڻ ۾ آيو سنڌ جي سياسي حلقن ذوالفقار ڀٽو جونيئر جي هن سياسي تقريب کي مستقبل جي سياسي جدوجهد جو هڪ حصو سڏيو آهي جنهن سان سنڌ جي اقتداري سياست ۾ ٿرٿلو متل آهي ۽ امڪان آهن ته هن کي مستقبل جي سياسي خال ڀرڻ لاءِ ميدان تي لاٿو وڃي،چيو وڃي ٿو ته سگهاريون ڌريون به سنڌ ۾ ون مين شو اقتدار کان هاڻ تنگ آهن جيڪي سنڌ ۾ نئين تبديلي جو ارادو رکن ٿيون،ممڪن آهي ته سنڌ جي ڪجهه مخالف سياسي ڌرين ۽ قومي سوچ رکندڙ قومپرستن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري ڪو نئون اتحاد ٺهرايو وڃي جنهن ۾ متحده اي اين پي فنڪشنل ليگ کي راضي ڪيو وڃي ۽ ايندڙ عام چونڊن ۾ هنن کي اڳيان آندو وڃي ۽ هڪ نئين حڪومت جڙي،امڪان ته گهٽ نظر اچن ٿا پر جيڪڏهن پي ٽي آءِ کي ايندڙ وقت ۾ ڪا سگهه حمايت ملي ٿي ته ايئن ٿي ٿيندو ۽ نوان چهرا اقتدار ۾ اچي پي ٽي آءِ اڳ ۾ به پ پ پ شهيد ڀٽو جي سربراهه محترمه غنوا ڀٽو کي پي ٽي آءِ ۾ شريڪ ٿيڻ يا انتخابي اتحاد جي دعوت ڏئي چڪو هو هونئن به سنڌ جا ماڻهو ۽ بيروزگار نوجوان پ پ جي پراڻن چهرن سردارن پيرن ۽ وڏيرن کان تنگ اچي چڪا آهن ۽ گهڻو خائف آهي

سنڌ ۾ گذريل ڪجهه سالن اندر جيڪا بدامني بدعنواني اغوا و قتل غارت ٿي آهي صحافي وڪيل پروفيسر ڊاڪٽر قتل ٿيا آهن يا سنڌ جي پاڻي زمينن تي قبضا ٿيا آهن يا ٿيڻ وڃي انهن به سنڌي ماڻهن کي گهڻو مايوس ڪيو آهي ۽ ممڪن آهي ته هن ڀيري انجا چونڊن تي به اثر پون پ پ اندر به ڪجهه اهڙا ماڻهو آهن جيڪي اندر اندر ۾ تبديلي چاهين ٿا پر ڪنهن سبب خاموش آهن جو اهي مخالفن جو حشر ڏسي چڪا آهن اهي به اطلاع گردش پيا ڪن ته پ پ پ قيادت جناب آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ لاءِ پارٽي ۾ نوان نوجوان چهرا پارٽي ۾ متعارف ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا ۽ پارٽي پاليسي ۾ تبديلي آڻيندا جهڙي صورتحال آهي ته سنڌ اندر پ پ پ کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏو عرصو اڃا درڪار آهي جنهن جو مثال مڪاني ادارن جي تازين ضمني چونڊن ۾ به پ پ پ کي وڏي سرسي حاصل ٿي آهي بلاول ڀٽو زرداري جو وفاق خاص ڪري پنجاب مخالف بيان به ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته پ پ پ سنڌ ۾ پنهنجي سياسي سوچ تبديل ڪرڻ وڃي رهي آهي ۽ سنڌ جي مسئلن کي اڳيان آڻي انهن جي حق ۾ مطالبا پئي ڪري

سنڌ کي سياسي توڙي معاشي طور ڪمزور ڪرڻ ۾ به پنجاب جو وڏو هٿ آهي جيڪو سنڌ جي ماڻهن کي سياسي ۽ معاشي مسئلن جو جواز بڻائي سنڌ ۾ گهرو ويڙهه لاءِ راهه هموار پيو ڪري جنهن ۾ نون ڪئنالن جي اڏاوت به شامل آهي جنهن تي پ پ پ ۽ ٻيون سياسي پارٽيون توڙي قومپرست هن وقت هڪ پيج تي سامهون آهن ۽ ڪئنالن واري اشو تي پاڻ ۾ وڙهي به سگهن ٿيون پ پ پ وارن پڻ ڪالهه سنڌ ۾ ڪئنالن واري اشو تي احتجاج ڪيو جڏهن ته عام ماڻهن ۽ قومپرستن به ساڳي ڏينهن تي احتجاج ڪيا سنڌ اسيمبلي توڙي جو مخالف ٺهراءُ پاس ڪيو قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ڪئنال مخالف تقريرون ڪيون ويون پوءِ به سنڌ جو ماڻهو مطمئن ناهي ۽ صدر آصف زرداري کان جاري آرڊر ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهي جيڪو شايد ئي صدر مملڪت ايئن ڪري جنهن سان پ پ پ وفاق سان ويڙهاند ۾ هلي وڃي ۽ پنجاب به ڪئنالن ٺهڻ تي بضد آهي جيڪڏهن ڪئنال ٺهن ٿا ته سنڌ لاءِ وڏو سانحو هوندو ۽ سنڌ پنجاب وچ ۾ جهيڙو وڌي ۽ پ پ پ جون سنڌ ۾ پاڙون ڪمزور ٿين ۽ سنڌ ڪنهن نئين سياسي تبديلي طرف هلي وڃي

بقايا 01

جي دوڪان جي ڇت ٽوڙي اتان ڏهه لک رپين جا 25 پنجوين قيمتي موبائيل فون روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چورائي ويا. جنهن خلاف مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي سڏ تي شهر ۾ شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا عيدگاهه چوڪ صرافا بازار اناج منڊي، سيد چوڪ کان ٿيندي پريس ڪلب تي پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو، جتي اڳواڻن منظور عباسي، پريم ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهر ۾ پرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل آهي، پر پوليس امن ڪرائڻ ۾ ناڪام ڏسڻ ۾ پئي اچي، هنن گهر ڪئي ته ٿيل لکين رپين جي چوري واپس ڪرائي بدامني کي بنجو ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هوڏانهن يونين ڪائونسل خانواهڻ جي چيئرمين بيريسٽر غلام محمد باقر عباسي ڌرڻي واري هنڌ پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو جڏهن ته ڊي ايس پي ڪنڊيارو مجيد آرائين ڌرڻي واري هنڌ پهچي احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين يقين ڏياريو ته چوري ٿيل سامان جلد واپس ڪرايو ويندو جنهن کان پوءِ احتجاج ختم ڪيو ويو

بقايا 02

اچڻ کان پوءِ ايريگيشن عملي جي من ماني پاڻي پيسن عيوض وڪرو ڪرڻ لڳا. زميندارن پاران رشوت نه ڏيڻ سبب عملدارن شاخ جي منڍ وٽان چاب ڏيئي مٿي سان ڪتا پري پاڻي کي روڪي ڇڏيو جنهن سبب زميندارن جو تيار فصل سڪڻ سبب لکين روپين جو نقصان ٿيڻ جو خدشو آهي.ان سلسلي ۾ متاثر زميندارن احتجاج ڪندي چيو ته ايريگيشن عملو پاڻي جي هٽرادو کوٽ ڪري اسان کان رشوت جي گهر ڪري رهيو آهي نه ڏيڻ جي صورت ۾ چاب ڏيئي پاڻي کي روڪي اسان جو تيار ٿيل فصل تباهه ڪيو پيو وڃي. هنن مطالبو ڪيو آهي ته ايريگيشن عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪري پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين.

بقايا 03

مينگهواڙ مبينا طور تي خودڪشي ڪري ڇڏي، فوتي عمرڪوٽ جو رهواسي هو ۽ مقامي ڪارخاني ۾ مزدوري ڪندو هو پوليس موجب، واقعي جي اطلاع ملڻ تي اهلڪارن فوري طور تي پهچي لاش تحويل ۾ وٺي، ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو فوتي جي ڀاءُ اشوڪ ڪمار ٻڌايو ته هو مقامي ڪارخاني ۾ مزدور آهن ۽ عيد جي موڪلن سبب ٺيڪيدار سان حساب ڪتاب ڪرڻ لاءِ ويل هئا. راجيش ڪمار کين ٻڌايو ته هو ڪوارٽر تي واپس پيو وڃي. جڏهن باقي ڀائر حساب ڪتاب بعد موٽيا ته ڪوارٽر اندر کان بند هو ڪوڪي مان جهانڪي ڏسڻ تي راجيش جو لاش ڇت سان ٽنگيل هو فوري طور تي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. جنهن علائقي واسين جي مدد سان دروازو کولرائي لاش هٿ ڪيو اشوڪ ڪمار جو چوڻ آهي ته سندس ڀاءُ نه ته نشي جو عادي هو ۽ نه وري کيس ڪا ذهني پريشاني هئي. پوليس موجب، فوتي جي پوسٽ مارٽم رپورٽ کانپوءِ وڌيڪ حقيقتون سامهون اينديون. جاچ جاري آهي. فوتي جي ڀاءُ جو چوڻ هو ته "اسان کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته منهنجي ڀاءُ اهڙو قدم ڇو کنيو هو ڪنهن به پريشاني ۾ نه هو. نه ئي ڪڏهن ڪنهن مسئلي جو اظهار ڪيو هو. اسان کي سمجهه نه ٿو اچي آخر راجيش ڪمار ايترو وڏو قدم ڇو کنيو آهي.

بقايا 04

منهن ماري بعد جوابدارن جي حملي ۽ فائرنگ ۾ 30 ورهين جي نوجوان دڪاندار بخت پٽ قربان جتوئي جو قتل ڪيس ميهڙ جي اي سيڪشن ٿاڻي تي فهيم جتوئي جي فرياد تي 6 جوابدارن ڪرم نواز ملڪ، محمد علي ٿيبو مير ڪمانگر سندس پٽ دودو عرف رضا محمد ڪمانگر ، ديدار ڪمانگر، طارق ڪمانگر خلاف ڪيس داخل ڪرڻ باوجود جوابدار گرفتار ناهن ٿيا. ميهڙ پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ثاقب ڪالوني، رفيق ٽائون ۾ ڇاپا هنيا جوابدار هٿ ناهن آيا، پوليس جوابدار ڌر جا گهر ۽ گيراج ڊاهڻ لاءِ مشينري به گهرائي بعد ۾ پوليس ڪاروائي بنا واپس هلي وئي، ڌرين ۾ تڪرار ۽ چڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي.

بقايا 05

ملازمن ۽ عورتن شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا، بنا رشوت جي ڪوبه ڪم نه ٿيڻ جو شڪايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر پاران ڪامورن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ڇنڊ پڻ پٽي وئي، دادو واسي الاهي بخش ابڙو دانهيو ته گهرواري تعليم کاتي ۾ جونيئر ڪلارڪ آهي ان جي بنا جواز پگهار بند ڪئي وئي آهي هڪ هفتي کان آفيس جا چڪر ڪاٽي رهيون آهيان پگهار کولڻ لاءِ رشوت طلب ڪئي پئي وڃي، فيملي پلاننگ کاتي جي ملازمه زينب سمون دانهيو ته پيرول سلپ ۾ ٽريزري عملدارن اسپيلنگ غلط لکي ڇڏي آهي ٻن مهينن کان پگهارون نه پيون ملن ٽريزري آفيس جا چڪر ڪاٽي رهي آهيان گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي عملدار آفيس ۾ ويهڻ لاءِ تيار ناهن. بيواهه حسنه مستوئي دانهيو ته مڙس پوليس کاتي ۾ ملازم هو جيڪو 20 سال اڳ فوت ٿي ويو ڊيٽا شيٽ ۾ مڙس جي نالي جي جاءِ تي منهنجو نالو لکيل آهي بئنڪ لون نه ٿي ڏئي 6 مهينن کان ٽريزري جا چڪر ڪاٽي رهي آهيان ڪوبه ٻڌڻ وارو ناهي، شهيد ڪوٽا تحت تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيل جونيئر ڪلارڪ ضمير دانهيو ته هڪ مهيني کان ڳرا ڪرايا ڪري ميهڙ مان دادو اچان ٿو ايف ون فارم جمع نه ٿا ڪن رشوت کان سواءِ ڪوبه ڪم نه ٿو ٿئي هڪ ڪلاڪ کان وينو آهيان آڊيٽر پنهنجي ڪمري ۾ ويهڻ لاءِ تيار ناهي، ملازمن جي شڪايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب امداد علي شاهه سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ڪنهن کي ڪا پرواهه ناهي متاثر ماڻهو آفيسن جا چڪر ڪاٽي خوار ٿي واپس هليا وڃن ٿا، ماڻهن جا مسئلا حل ڪريو ٻي صورت ۾ اوهان خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب جو چوڻ هو ته ماڻهن جو شڪايتون جائز آهن ڪامورن خلاف اختيارن کي لکت ۾ آگاهه ڪيو ويندو، اڄ جيڪي به شڪايتون مليون آهن انهن کي فوري طور حل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن.

بقايا 06

ڪالونيءَ ۾ نوحاڻي چونڪ پرسان ٻن نينگرين 11 ورهين جي عليشا ۽ 10 ورهين جي علينا يوسفزئي سان زبردستي زيادتي جو انڪشاف ٿيو آهي ڪوٽڙي ٿاڻي تي نينگرين جي مامي ذاڪر علي يوسفزئي پٺاڻ جي فرياد تي جوابدار سلطان پٺاڻ خلاف نينگرين سان زيادتي ڪري سندن وڊيو رڪارڊ ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو منهنجيون ڀائيجيون عليشا ۽ علينا جوابدار سلطان پٺاڻ جي گهر ۾ گهرو ڪم ڪنديون هيون: فرياديءَ جو ڪيس ۾ موقف جوابدار سلطان پٺاڻ پنهنجي گهر ڀاتين جي غيرموجودگيءَ ۾ منهنجين ڀائيجين عليشا ۽ علينا کي پنهنجي گهر ڪم ڪار لاءِ گهرائي ساڻن زيادتي ڪئي: فريادي جوابدار ٻنهي نياڻين جي وڊيو پڻ رڪارڊ ڪئي آهي: فرياديءَ جو موقف معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون، جوابدار کي جلد گرفتار ڪري متاثرن سان انصاف ڪيو ويندو

بقايا 07

زخمي ٿيل چئن ڄڻن جي ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف مگسي ڌر جي ماڻهن سميت مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي طرفان جوابدارن جي گرفتاري ۽ جاچ پوليس جي خلاف اوپر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي خبرموجب ڪراچي سچل ڳوٺ ۾ ٽي ڏينهن اڳ پٺاڻ ۽ مگسي ڌر جي ماڻهن ۾ معمولي جهيڙي ٿيڻ بعد وڏي انگ ۾ افغاني پٺاڻن طرفان هٿياربند ۽ ڏنڊا بردار تي حملو ڪري ڏنو هو جنهن ۾ مگسي ڌر جا پنج ڄڻا عبدالرحمان، عبدالعزيز، احمد، بدرالدين ۽ فهد زخمي ٿيا پيا هئا واقعي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مگسي ڌر ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن طرفان سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس جي ايس آءِ او سڪندر چنو خلاف ماروئڙا چوڪ کان اوپر پريس ڪلب تائين پيادل احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين عبدالسلام مگسي، انعام سنڌي، حسين ڏاهري، مظهر ڪانڌڙو، امان انصاري، صدرالدين قريشي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٽي ڏينهن اڳ معمولي جهيڙي ٿيڻ بعد افغاني پٺاڻ ڏنڊا بردار ۽ هٿياربند ٿي حملو ڪري پنج ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته جهيڙي واقعي جو سچل ٿاڻي تي پنج نامزد جوابدارن رئوف مهمندي، شهزاد، سليم، رقيب، قابل ۽ ٻين جوابدارن مٿان ڪيس داخل ٿيڻ باوجود جاچ پوليس جو ايس آءِ او سڪندر چنو ۽ ڪيس جو آءِ او جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهيو آهي هنن چيو افغاني پٺاڻ جوابدار رئوف ڌوهارين جو سرپرست آهي ۽ ڌوهاري گينگ هلائيندو آهي جنهن جي سهراب ڳوٺ ٽائون چيئرمين لالا رحيم سرپرستي ڪري رهيو آهي هنن چيو ته واقعي کي ٽي ڏينهن گذري ويا آهن مگر جاچ پوليس جوابدارن کان لکين روپيا رشوت وٺي انهن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي جڏهن ته اسان طرفان پڪڙي پوليس حوالي ڪيل جوابدار کي به سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس جي ايس آءِ او سڪندر چنو ۽ سچل ٿاڻي جي ايڊيشنل ايس ايڇ او راڻا اجمل رشوت وٺي ان کي به ڇڏي ڏنو آهي هنن آءِ جي سنڌ ايڊيشنل آءِ جي ڊي آءِ جي ايسٽ ۽ ايس ايس پي ايسٽ کان نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪندي جاچ پوليس جي اهلڪارن خلاف پڻ ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 08

پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه نصيرآباد جي گڏجاڻي پ پ پ تعلقا نصيرآباد جي صدر انجنيئرخان محمد ڦلپوٽو جي ۾ ٿي گذري. اجلاس جي ڪاروائي پ پ پ تعلقي جي جنرل سيڪريٽري انجنيئر منظور قادر ڪانڌڙو هلائي. اجلاس ۾ اڳواڻن چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب دنيا جو واحد ليڊر آهي جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ هميشه پاڪستان جي غريب عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي، هن کي دنيا جي مختلف ملڪن مان آڇون مليون ته اوهان پنهنجي جان بچايو ۽ جلاوطني اختيار ڪيو ۽ ٻاهر اچو پر قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جلاوطني اختيار ڪرڻ بجاءِ ملڪ ۽ ملڪ جي عوام خاطر پنهنجي جان قربان ڪئي. يوم شهادت جي موقعي تي پ پ پ تعلقا نصيرآباد مان سوين تعداد ۾ جيالا ڳڙهي خدا بخش ڀٽو پهچي شهيد قائدين کي سلام پيش ڪندا. اجلاس ۾ پ پ پ تعلقا نصيرآباد جي انفارميشن سيڪريٽري نجيب الله واهوچو سينئر نائب صدر ممتاز علي لنجواڻي، نائب صدر ڪامريڊ مظفر علي ڪلهوڙو،نائب صدر مولوي منظور احمد. ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مظهر علي سومرو، ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام علي سوهو. رڪارڊ ايونٽ سيڪريٽري شاهنواز ڪانڌڙو،پي آر او ارباب غلام علي جهتيال، سميت جاويد علي ڪوري، علي گل چانڊيو سرائي همٿ علي پٽي، سيد ظفر حسين شاهه، محمد صديق سوهو حاجي علي انور سومرو، عامر نثار چنجڻي، محمد رضا ڪهاوڙ،برڪت علي وڪو، غلام رسول ابڙو، ارباب علي جلباڻي، صدام حسين دايو سجاد علي ڪلهوڙو، اسرار احمد ڪلهوڙو، سوجهرو ڏهر، علي حيدر چنو . امام علي ڳاڏهي،ديدار علي سيال، علي نواز شيخ، محمد رحيم بروهي، ضلع ورڪنگ ڪاميٽي ميمبر حسين بخش جت دلاور ڪوسو، عبدالقادر واهوچو اظهار علي واهوچو محمد رمضان بروهي، ياسين علي چانڊيو اسرار احمد ڪلهوڙو، علي گل ڪوڪر سميت مختلف يونين ڪائونسلز جي عهديدارن ورڪرن معززين ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌو درياءَ مان 6 غير قانوني ڪينال نڪرڻ جي خلاف قرداد پيش ڪئي وئي ايوان اڪثريت راءِ سان پاس ڪئي.

بقايا 09

پسان ونگو اسٽاپ مسجد ۾ تراويح ختم القرآن تقريب منعقد ڪئي وئي مدرسه تجويدالقرآن ونگو اسٽاپ مسجد ۾ قاري امتياز علي گهانگهرو جي امامت ۾ تراويح ختم القرآن پورو ٿيو ٻيو ختم شريف ڪنڊيارو جي ڪچي آبادي مسجد علي المرتضيٰ ۾ جڏهن ته ٽيون تراويح ختم القرآن شيخ اسپتال چوڪ مسجد ۾ حافظ مجيب الرحمان گوپانگ جي امامت ۾ پورو ٿيو ختم شريف پورو ٿيڻ تي ذڪر ڪيل مسجدن ۾ خاص تقريبون منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ جي يو آءِ ضلع نوشهروفيروز جي جنرل سيڪريٽري مولانا عبدالعليم گهانگهرو،جي يو آءِ ضلع نوشهروفيروز جي جوائنٽ سيڪريٽري مولانا محمد رمضان خاصخيلي،قاري امتياز علي گهانگهرو ۽ سنڌ جي معروف نعت خوان غلام سرور ملاح خصوصي شرڪت ڪئي،مختلف مسجدن ۾ تراويح ختم القرآن تقريب موقعن تي خطاب ڪندي مولانا عبدالعليم گهانگهرو چيو ته ماهه رمضان المبارڪ ۾ الله تعاليٰ 'پنهنجي ٻانهن مٿان خاص رحمت ۽ گناهن کان بخشش فرمائيندو آهي،اسان کي گهرجي ته ماهه رمضان المبارڪ ۾ الله تعاليٰ 'کان معافي گهري پنهنجي گناهن جي بخشش ڪرايون،ان موقعي تي مولانا محمد رمضان خاصخيلي سنڌ ۽ سنڌو درياءَ جي سلامتي ۽ ڊاڪٽر عافيه صديقه جي آزادي لاءِ خصوصي دعا گهرائي وئي،تقريب موقعي تي نعت خوان غلام سرور ملاح حمد،ثناءِ ۽ سنڌو درياءَ جي سلامتي تي غزل ڳائي شريڪ ٿيندڙن ۾ جذبو جاڳائي ڇڏيو

بقايا 10

هڪ ٻئي مٿان مبينه اغوائن جا الزام گذريل ڏينهن چاچڙ برادري جي سائيٽ ايريا ٿاڻي پوليس ۽ لاشاري برادري جي گل محمد لاشاري خلاف ڪيل احتجاج کانپوءِ لاشاري برادري پاران به سکر پريس ڪلب آڏو گل محمد لاشاري ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته چاچڙ برادري جي ستر سالا پيرسن حاجي علي پٺاڻ چاچڙ کي پوليس هٿان گرفتاري بعد گم ڪرائڻ جو الزام هنيو هو پر چاچڙ برادري جي ماڻهن بلاجواز پنهنجي ماڻهن کي لڪائي اغوا جو ڪوڙو الزام هنيو آهي 28 جنوري تي محمد نواز لاشاري سائٽ ايريا بورڊ آفيس جي ويجهو گم ٿي ويو هو بعد ۾ خبر پئي ته چاچڙ برادري جي بااثر ماڻهن کيس اغوا ڪيو آهي هن ٻڌايو ته جوابدار محمد علي عرف احمد چاچڙ، پٺاڻ خان چاچڙ، قدرت الله بروهي ۽ ٻيا نامعلوم ماڻهو شامل آهن. جيڪي مغوي جي آزادي لاءِ 10 لک رپيا ڀنگ طلب ڪري رهيا آهن گل محمد لاشاري موجب، واقعي جي رپورٽ فوري طور تي لاڳاپيل ٿاڻي سائٽ ايريا ۾ داخل ڪرائي آهي پوليس ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻيا جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن اسان ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اختيارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته اغوا ۽ گرفتارين مامري جي جاچ ڪرائي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 11

سال اڳ داخل ڪيل حملو جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار عبدالله عرف شهزادو جيهو کي 4 سال قيد ۽ 8 لک 10 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي، جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد ڪيل ڇهن کي بي ڏوهي قرار ڏئي کين آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ياد رهي ته لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي تي 2020ع ۾ داخل ڪيس موجب جيها برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان هٿياربندن فائرنگ ڪري نئون ديرو لڳ ڳوٺ فيض محمد واسي رياض جيهو کي زخمي ڪيو هو جنهن واقعي جو ڪيس زخمي جي والده انور خاتون جيهو جي فرياد تي حد جي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو. جنهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪالهه ٿي گذري جتي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت سکوري جي جج طرفان اهڙو فيصلو ٻڌايو ويو آهي.

بقايا 12

نڪرندڙ سانگي شاخ ۽ ڊينگو شاخ جي هزارين ايڪڙ زمين پاڻي نه هجڻ ڪري بنجر بڻجي وئي آبادگار جا مٽي تي هٿ اچي ويا جڏهن ته 30 کان مٿي شاخن ۾ واري اڏامڻ لڳي ڪمند ڪٽڪ ڪيلاسبزين توڙي مال جي چاري جا گاهه به سڙڻ لڳا روهڙي ڪينال مان نڪرندڙ سانگي شاخ ڊينگو شاخ نئون آبادشاخ سميت 30 کان مٿي ننڍين وڏين شاخن ۾ مڪمل پاڻي بند هجڻ ڪري واري اڏامڻ لڳي،جڏهن ته پکين توڙي جانورن جي پيئڻ جو پاڻي نه هئڻ ڪري مالوندن ۽ آبادگارن جا مٽي تي هٿ اچي ويا 10 کان مٿي ڏيهن ۾ هزارين ايڪڙ زمين بنجر بڻجي وئي جڏهن ته آبپاشي کاتو پڻ ان سلسلي ۾ اگهور ننڊ سمهي رهيو

بقايا 13

ڪٽڪ ڪيلن توڙي مختلف فروٽ جا باغ سڪڻ لڳا آهن ٻئي پاسي مال جو چاري جا فصل به تباهه ٿي ويا آبادگارن ۾ خوف حراس واري صورتحال ڇانئجي وئي هزارين ايڪڙن تي بيٺل ڪٽڪ جي فصل کي آخري پاڻي نه ملڻ ڪري ڪٽڪ جي لهپ کي به ڪاپاري ڌڪ رسي ويو هوڏانهن سنڌ حڪومت خوراڪ کاتي پاسڪو طرفان به ڪٽڪ جي خريداري جو ڪو به سينٽر نه کلي سگهيو منافعا خور واپاري آبادگار هارين کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا

بقايا 14

پاڻي جي شديد کوٽ خلاف پريارود ۽ پڪاچانگ لنڪ روڊ بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن آبادگارن امتياز چانڊيو نثار ڪيريو ذوالفقار چانڊيو اڪرام چانڊيو راڻا فرمان مرتضي اڄڻ ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ڊينگو شاخ جي ٻڇڙي تي زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙ آبادگارن احتجاج ڪندي چيو ته ڊينگو ۽ سانگي شاخ ۾ پاڻي جي سخت کوٽ آهي جنهن سبب اسان جا فصل ڪيلا ڪمند مڪئي ليمن ۽ انبن جي باغ سميت چو پائي مال جو چارو پڻ سڪي رهيو آهي. هنن چيو ته واپارين کان لکين رپيا قرض کڻي ٻج ۽ ڀاڻ ورتو پر انهن جو به خرچ نه ٿو لهي جنهن سبب اسان قرضي ٿي ويا آهيون هن وقت فاقه ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهيون هنن چيو ته اگر زرعي پاڻي جي اها صورتحال رهي ته ايندڙ ٻن مهينن دوران گهرن ۾ نلڪن مان پاڻي به غائب ٿي ويندو مٿان وري وفاق زبردستي سنڌو دريا تي غير قانوني ڪئنال ڪڍي رهيو آهي جنهن سان سنڌ تباهه ٿي ويندي. هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڊينگو ۽ سانگي شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪري مالي بک ۽ بدحالي کان بچايو وڃي.

بقايا 15

۽ ٻين بار آڏو احتجاج ڪري سخت نعري بازي ڪئي، مظاهرين چيو ته چولستان ۾ ڪينال ٺهڻ سان سنڌ جون زمينون بنجر ٿي وينديون سنڌو درياهه سنڌ جي 6 ڪروڙ عوام جو جياپو آهي، پاڻي تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي پوري سنڌ ڪئنالن کي رد ڪري چڪي آهي وفاق فيصلو واپس وٺي سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍڻ وارو منصوبو فوري ختم ڪيو وڃي.

بقايا 16

پوليس اگهور ننڊ ستل آهي. تازو ٿي ويسٽ پريس ڪلب جي صدر عبدالعليم ميمڻ کي ڌورن هٿيارن جي زور تي لٽي ڇڏيو ذريعن موجب، عبدالعليم ميمڻ پريس ڪلب کان واپس گهر وڃڻ دوران تيسر ٽائون عباس ڪٽ وٽان هٿياربند ڌورن هٿان لٽجي ويو ڌورن کيس ڌمڪيون ڏئي روڪ رقم، ريڊمي ٽچ موبائل ۽ ضروري ڪاغذات ڦري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته صدر ويسٽ پريس ڪلب سان هي پهريون واقعو ناهي، ان کان اڳ به ساڳئي علائقي ۾ ساڻس به ڀيرا اهڙيون وارداتون ٿي چڪيون آهن، پر گلشن معمار پوليس اڃا تائين ڪک پڇي ٻيٺو ناهي ڪيو صحافي برادري ۽ علائقي واسين ايس ايس پي ويسٽ کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي نوٽيس وٺي، جوابدارن کي گرفتار ڪري صحافي عبدالعليم ميمڻ جو ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي. ان سان گڏو گڏ علائقي ۾ وڌندڙ ڏوهن کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ته جيئن شهرين جو جان ۽ مال محفوظ رهي

بقايا 17

پاڪستان جي پورٽ سيڪٽر ۾ 2 ارب ڊالر جي سرمائيڪاري جو عمل جاري آهي، پاڪستان ۾ ڊينمارڪ جي سرمائيڪاري حڪومت سان گڏجي ان عمل کي تيز بنائڻ لاءِ فعال آهن. پورٽ قاسم جي زمين کي صنعتي استعمال آندو ويندو، زمينن کي حقيقي سرمائيڪارن کي شفاف طريقي سان وڪرو ڪنداسين، پورٽ قاسم جي زمينن تي ريئل اسٽيٽ ڊيلنگ ختم ڪئي ويندي، جيڪي الاٽي مقرر وقت ۾ صنعتون نه لڳائي سگهندا انهن جي الاٽمينٽ منسوخ ڪئي ويندي، پورٽ قاسم جي زمين جو قانونن جي روشني ۾ ٻيهر جائزو ورتو ويندو، سنڌ حڪومت، سرمائيڪارن کي دعوت ڏني ٿي ته ڪراچي جي انفرااسٽرڪچر ۾ بحري معاملن واري وزارت سان ملي ڪري سرمائيڪاري ڪن بحري معاملن واري وزارت ڪراچي ۾ انفرااسٽرڪچر جي بهتري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي، ڪراچي جي انفرااسٽرڪچر کي بهتر بنائڻ ۾ وزارت پنهنجو ڪردار ادا ڪندي پر سنڌ حڪومت جو تعاون لازمي آهي، بحري معاملن واري وزارت جي معاملن ۽ منصوبن کي فاسٽ ٽريڪ تي بهتر بنايو ويندو، بحري معاملن واري وزارت ۾ هيٺين گريڊ جي آفيسرن کي ترقي جو موقعو فراهم ڪنداسين، ٻاهر کان صرف ضرورت پوڻ تي افرادي مهارت شامل ڪئي ويندي.

بقايا 18

جي انچارج ممتاز علي بروهي آري ڪئمپ گهارو ويجهو هڪ ڪار تي ڪامياب ڇاپو هڻي ٻن جوابدارن عبدالغفار آرائين ۽ محسن آرائين کي 4400 سئو پيڪٽ انڊين گٽڪن سميت گرفتار ڪري ڪار کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي، هوڏانهن ايس ايڇ او گهوڙاٻاري عبدالحميد روڏناڻي محبوب درس پراڻي واٽر سپلائي ور شهر ۾ ڪاروائي ڪندي هڪ گٽڪا فروش جوابدار الهبخش ولد ايوب چانڊيو کي 450 پيڪٽ گٽڪا ماون سميت گرفتار ڪري ورتو ٻئي طرف ايس ايڇ او ڳاڙهو سائينڏنو ٻرڙو ڳاڙهو/جوهو لنڪ روڊ تي ويجهو ڪاروائي ڪندي ٻن منشيات فروش جوابدارن عبدالڪريم ولد عثمان ميمڻ ۽ شوڪت ولد محمد ميمڻ کي 2200 سئو گرام چرس سميت گرفتار ڪري مٿن الڳ الڳ ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، نارڪوٽيڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري کين جيل موڪلي ڇڏيو آهي. صحافين سان ڳالهائيندي سي آءِ اي پوليس ٺٽي جي انچارج ممتاز علي بروهي محبوب درس چيو ته ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر عمران خان جي خاص هدايتن تي ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروايون جاري ڪندي سندن گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي، هن چيو ته ڪوبه ڏوهاري توڙي منشيات فروش ڪڏهن به قانون کان بچي ڪونه سگهندو.

بقايا 19

جي ضرورت آهي." FRDP جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مسز فوزيه عزيز چيو ته آفت جي خطري جي مالي مدد (DRF) تي صوبائي مشاورت جي ضرورت کي اجاگر ڪندي، هن ادارتي لچڪ ۽ مالي تياري کي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو. پنهنجي افتتاحي تقرير ۾، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر FRDP آفت جي تياري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ خطري جي لحاظ کان حساس بجيٽ جائزي ۽ وقف فنڊنگ مختص ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. هن زور ڏنو ته حڪومت، مالي ادارن ۽ ترقياتي ڀائيوارن جي وچ ۾ تعاون ضروري آهي ته جيئن آفت جي خطري جي گهٽتائي کي پاليسي ۽ بجيٽنگ ۾ ترجيح ڏني وڃي. قدرتي آفتن جي خلاف اداري جي صلاحيت ۽ لچڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بلڊنگ انسٽيٽيوشنل ڪيپيسٽي اينڊ ريزيلينس اگينسٽ نيچرل ڊيزاسٽرز (BRAND) پروجيڪٽ جي تحت منعقد ڪيل هي تقريب، ويلٿنگر هيلف (WHH)، سيسوي، ۽ FRDP جي گڏيل شروعات آهي، جنهن ۾ سرڪاري عملدارن، مالي ماهرن، پاليسي سازن، ۽ قومي ۽ بين الاقوامي انساني تنظيمن کي گڏ ڪيو ويو ته جيئن سنڌ ۾ آفت جي خطري جي انتظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ حڪمت عملين تي بحث ڪري سگهجي. شرڪت ڪندڙن عالمي ۽ مقامي DRF فريم ورڪ، مالي اوزارن، ۽ اثرائتي خطري جي مالي مدد جي طريقيڪار کي لاڳو ڪرڻ ۾ چئلينجن جي ڳولا ڪئي. اهم مقررين، جن ۾ ڊاڪٽر طارق خان (ڊي جي پلانٽ پروٽيڪشن)، محمد رحيم مري (هيومنٽيرين ريسپانس، هيڊ، هينڊز)، ڊاڪٽر نعيم صديقي (ايڊيشنل ڊائريڪٽر، لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ)، ڊاڪٽر فرحانه مير (پروگرام ڊائريڪٽر، LHW پروگرام، هيلٿ ڊپارٽمينٽ (GoS)، مسٽر ڪپل ديو (UN WOMEN)، پروفيسر امان الله مهر (ڊائريڪٽر، سينٽر فار انوائرمينٽل سائنسز، يونيورسٽي آف سنڌ)، ۽ مسٽر مير افتخار ٽالپور (WHH) شامل آهن. حڪومت جي اهم ڪردار، مضبوط ڪوآرڊينيشن، وسيلن جي جمع ڪرڻ، ۽ موسمياتي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ فعال قدمن جي ضرورت تي زور ڏنو. براند پروجيڪٽ جو مقصد ڊي آر آر يونٽن جي وچ ۾ هم آهنگي کي بهتر بڻائڻ، آفت جي جوابي نظام کي بهتر بڻائڻ، ۽ صوبائي ۽ ضلعي آفت جي انتظام جي منصوبن جي عملدرآمد جي حمايت ڪندي آفت جي خطري جي انتظام ۾ ادارتي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ آهي. ان کان علاوه، اهو موسمياتي آفتن کي گهٽائڻ لاءِ ابتدائي خبرداري جي طريقن ۽ جوابي حڪمت عملين کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏئي ٿو.

بقايا 20

ڪوسو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ننڍين ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ ملازمن 35 سالن کان پروموشن نه ملڻ خلاف نعريبازي ڪئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسپيشل ايجوڪيشن جي ڊپارٽمينٽ DEPD ۾ گريڊ هڪ کان گريڊ 16 جي ننڍن ملازمن کي جائز حقن کان محروم رکيو پيو وڃي ملازمن جي مسلسل احتجاج سبب ڊپارٽمينٽ گريڊ 16 جي ملازمن جون عارضي سينارٽي لسٽون جاري ڪيو آهن پر ان ۾ اسپيشل ايجوڪيشن سان تعلق رکندڙ 21 اسسٽنٽ ۽ جونيئر اسپيشل ايجوڪيشن ٽيچر گريڊ 16 جا نالا غائب ڪري ڇڏيا آهن معلوم ڪرڻ تي ٻڌايو ويو ته انهن جو فائلون سيڪريٽريٽ آفيس ۾ موجود نه آهن جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اڳ انهن ملازمن کان اضافي ڪاغذ ورتا ويا هئا جن ۾ آفر آرڊر،ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ،تعليمي ڊگريون ٻهرين پگهار جون سلپون ۽ ٻيا لاڳاپيل ڪاغذ شامل هئا پر افسوس سيڪريٽريٽ آفيس ۾ موجود ڪرپٽ آفيسر رشوت نه ملڻ عيوض انهن کي پريشان ڪري رهيا آهن اسين مطالبو ڪري رهيا آهيون ته گريڊ 16 جي سينارٽي لسٽ ۾ سمورن ملازمن کي شامل ڪيو وڃي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سکر جي ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ ننڍن ملازمن کي حق ڏيڻ بجاءِ انهن کي هيسائڻ ۽ دٻائڻ شروع ڪيو آهي جڏهن ته سيڪريٽريٽ آفيس جو سڀ ڪم ان جي مرضي سان ٿيندو آهي ۽ ننڍن ملازمن جي جائز ڪم ۾ کيس سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي اسين مطالبو ڪري رهيا آهيون ته سيڪشن آفيسر 2 اطهر نواز دراني ۽ ريجنل ڊائريڪٽر سکر کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 21

بوبڪ ، آراضي ، واهڙ، ڪرمپور ، تلٽي ، جهانگارا ، باجارا سميت سموري تعلقي جي غريب ۽ مستحق ماڻهن ۾ گهر گهر ڳوٺن ۾ 1200 کان وڌيڪ راشن بيگ ۽ عيد جا ڪپڙا ورهايا ويا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي ڏينهن کان ڊينگي ۽ مڇرن کان بچاءَ خاطر اسپري ڪرائڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي ٻئي طرف رمضان شريف جي ٻئي مهيني ۾ روزانو جي بنياد تي درگاهه قلندر لعل شهباز مزار جي احاطي ۾ سحري ۽ افطاري ڪرائڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي ان حوالي سان شهرين چيو ته سماج سڌارڪ محمد رمضان ناتا تعلقي سيوهڻ ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ غريب مستحق ماڻهن لاءِ نيڪ ٻانهو ٿي ثابت ٿيو آهي جيڪو بهترين ڪم ڪري رهيو آهي سماجي اڳواڻ محمد رمضان ناتا شاهه بيبي هيلٿ ڪيئر سينٽر ۽ ناتا فائونڊيشن جي نالي سان سيوهڻ ۾ ڪيترن ئي سالن کان غريب ماڻهن جي خدمت ڪري رهيو آهي سيوهڻ سينٽر تي غريب مسڪين ماڻهن جي اکين جو مفت علاج ٿي رهيو آهي جتي اکين جي آپريشن سميت دوائون چشما مفت ملي رهيا آهن ۽ رمضان شريف جي ٻئي مهيني ۾ راشن ڪپڙا ۽ ڊينگي ۽ مڇرن کان بچاءَ خاطر اسپري پڻ جاري آهي ان کان علاوه روزانو سحري ۽ افطاري ڪرائڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي کيس جس ڏيون ٿا.

بقايا 22

تي ڪوڙن ڪيسن داخل ڪرڻ خلاف تنظيم واءِ پي اي جي عهديدارن، ميمبرن نظر شاهه اقبال زرداري فريد ڏاريجو ۽ ٻين جي اڳوائيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ آفيسن جي تالا بندي ڪري ڊاڪٽر لمس آفتاب قل خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي انتظاميا کان گهر ڪئي ته ڊاڪٽر آفتاب قل کي فوري طور تي هٽايو وڃي هنن نعريبازي ڪندي چيو ته حيدرآباد لمس اسپتال بچايو آفتاب قل کي هٽايو هنن گهر ڪئي ته واءِ پي اي جي ميمبرن تي ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 23

، تفصيل موجب اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان پاران ڪجهه ڏينهن کان اهو پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا تي اعلان ڪيو ويو آهي ته عيد الفطر جي موقعي تي عيد جي خوشين ۾ ٻارڙن کي شامل ڪرڻ لاءِ ملڪ جي 17 هزار برانچن لاءِ 27 ارب رپين جا نوان نوٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن، ان لاءِ پنهنجو قومي شناختي ڪارڊ ڏيکاري هڪ سئو رپين ، ٻن پنجاهه رپين ۽ 3 ڏهه ڏهه رپين جون دستيون يعني ڇهه نون نوٽن ڪرنسي جي نوٽن جا پئسا وٺي سگهو ٿا پر لاڙڪاڻي شهر جي رهائشي معزز شخصيت عبدالوحيد عباسي چيو ته مان شهر جي بئنڪ اسڪوائر نيشنل آف پاڪستان توڙي ٻين ڏانهن نون نوٽن جي چينج تبديل ڪرائڻ لاءِ ويس پر اتي چيو ويو ته اسان جون مين برانچ بئنڪن اسان بئنڪ ملازمن کي ئي هن وقت تائين هڪ به نئون نوٽ ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته لاڙڪاڻو شهر جي وي آءِ پي روڊ تي واقع مين برانچ يو بي ايل توڙي اين بي پي وٽ به ساڳيوئي جواب مليو ته نوان نوٽ اسان وٽ اڃان آيا ناهن. بئنڪ جي صارفين عوام جو چوڻ آهي ته عيد جي خوشي جي موقعي تي اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان پاران اعلانيل نئين نوٽن جي 27 ارب رپين جي ۽ ملڪ جي 17 هزار برانچن واري جاري ڪرڻ بعد لاڙڪاڻو شهر ۾ ويهه لک جي آباديءَ کان وڌيڪ عوام بئنڪ صارفين لاءِ ڪا به سهولت نه رکڻ سمجهه کان ٻاهر عمل آهي، جڏهن ته ٻڌڻ ۾ اهو به آيو آهي ته نون نوٽن جي ڪرنسي اڪثر بئنڪ عملي پاران شادي ۽ ٻين موقعن تي پئسن وارن هار ڪندين ۾ ڪميشن طور نوان نوٽ وڪرو ڪري ڪجهه مافيائون ڌنڌو ڪاروبار ڪنديون رهنديون آهن. ٻئي طرف ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ڪجهه بئنڪ انتظاميه پاران سياسي اقتداري پارٽي ۽ من پسند ماڻهن کي نون نوٽن جون لکين دستيون ڏيندي خوشامد ۾ پورا آهن باقي عام بئنڪ صارفين عوام کي اهو چئي واپس ڪيو وڃي ٿو ته اسان وٽ نوان نوٽ اڃان تائين پهتا ئي ناهن

بقايا 24

وري ٻيهر ڪنڊڪوٽ ۾ ڊي اي او سيڪنڊري ۽ ڊي او پرائمري آفيس جي مين گيٽ آڏو متاثرين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اميدوارن جاويد حسين پيو بلاول احمد اعوان پرويز چاچڙ ساگر بجاراڻي سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊي اي او پرائمري ۽ ڊي اي او سيڪنڊري مسلسل دلاسا ڏئي اسان جي حق تي ڌاڙو هنيو ويو آهي هنن چيو ته ضلعي ڪشمور ۽ ڪنڊڪوٽ تعلقن جي پاس اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪيا ويا آهن هي ڪٿان جو انصاف آهي جو تعلقو تنگواڻي کي آفر آرڊر کان ڇو محروم ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان وٽ امن امان جون حالتون انتهائي خراب هجڻ ڪري به رمضان شريف جي هن ٻئي مهيني ۾ اسين سحري ۽ افطاري به هتي آفيس آڏو ڪنداسين ۽ عيد به احتجاج طور هتي ئي ڪنداسين ۽ اسان کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار ڊي او سيڪنڊري ۽ ڊي او پرائمري هوندا

بقايا 25

اظهار لاءِ مئچ دوران ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪندي تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو ٽائون ڪميٽيءَ مٽياري جي ڪائونسلر پير صفدر شاهه هاشمي پاران مٽياري ۾ لڳرايل رمضان نائٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو گذريل ڏينهن فائنل مقابلو ٿيو فائنل مقابلي کان پهريان ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن سنڌو سان محبت جي اظهار لاءِ ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪري ڪئنالن خلاف خاموش احتجاج جو پيغام ڏنو واضح رهي ته گذريل ڏينهن ٿيل ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي فائنل مقابلي ۾ ميرحسن محلا اليون ۽ ميمڻ ڪالوني اليون جي وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ ميرحسن محلا اليون پهريان بيٽنگ ڪندي مقرر 10 اوورن ۾ 3 وڪيٽن تي 165 رنسون ٺاهيون جنهن بعد ميمڻ ڪالوني اليون 9 اوورن ۾ 3 وڪيٽن تي ٽارگيٽ پورو ڪندي 167 رنسون ٺاهي فائنل کٽي ورتو فائنل مئچ جا مهمان خاص پير سيد اظهر شاهه هاشمي . سيد صفدر شاهه هاشمي ۽ پير علي اڪبر شاهه هاشمي هئا جن کٽيندڙ ٽيم جي ڪپتان کي ونر ٽرافي ڏني.

بقايا 26

-سلمان خاصخيلي -عابدان خاصخيلي -زرينا خاصخيلي ۽ امام زادي فريدآباد ۾ قرآن پاڪ کڻي احتجاج ڪندي چيو ته بااثر محبوب سهاڳ اسان جي غريب مسڪين امداد خاصخيلي کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿو۔هو مزدوري ڪري ٻچن جي روزي ڪندو آهي. بااثر جي خوف کان مزدوري ڪرڻ نٿو وڃي ـهنن چيو ته ڀاڙي ۾ اسان کي تنگ ڪري ٿو ـ هنن چيو ته بااثر محبوب سهاڳ مان اسان کي خطرو آهي ـڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار بااثر محبوب سهاڳ آهي ـ هنن آءِ جي سنڌ ـ ڊي آءِ جي حيدرآباد ـايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته بااثر مان خطرو جان ڇڏائي وڃي ـ

بقايا 27

روشن ٻهيت وٽ قومي شاهراهه تي ڪار ۽ ڊمپر وچ ۾ زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ اڳوڻي ايم پي اي مرحوم چام منير احمد خان ڏهر جو ڏوهٽو ۽ ڏهر برادري جي چيف سردار چام عقيل احمد ڏهر جو ڀائيٽيو نوجوان چام سرجيل عرف چام ابرار احمد خان ڏهر موقعي تي ئي فوت ٿي ويو مڙهه صادق آباد کان اوٻاوڙو آندو پيو وڃي اهڙي واقعي بعد سموري شهر اندر سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو آهي.

بقايا 28

خان مگريو پاران پنهنجي رهائش گاهه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياءَ اسان جو جياپو آ اسان جو ساهه آهي جنهن جي پاڻي مٿان ڌاڙو هڻڻ کي ڪڏهن به قبول نه ڪبو هن وڌيڪ چيو ته درياءَ مٿان غير قانوني ڪئنال تڪراري بڻجي چڪا آهن سنڌ جو هر ننڍو وڏو سجاڳ ٿي چڪو آ اڳ ئي سنڌ جي وسيلن تي پنجاب قابض بڻيل آ اسان جو آخري جياپو سنڌو درياءَ آهي جنهن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين پهريان ئي سنڌ پاڻي جي کوٽ کي ڀوڳي پئي پاڻي جي کوٽ سبب وقت سر فصل نٿا ٿي سگهن گذريل سال به پاڻي گهٽ هجڻ سبب ۽ دير سان اچڻ تي سارياڻي فصل جي پوکائي مهينو ليٽ ٿيڻ سبب اناج پاپڙ بڻجي ويو آبادگار هارين جا ٻج پاڻ به نه نڪري سگهيا ۽ نقصان کي منهن ڏنو هن جو چوڻ هيو ته سنڌ جون لکين ايڪڙ آباد زمينون بنجر بڻائي پنجاب جو غير آباد ريگستان علائقو آباد ڪرڻ سڌي سنڌ دشمني ۽ سنڌين جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي جنهن کي ڪڏهن به قبول نه ڪيو

بقايا 29

پٽ ڪيا ويا، ڳوٺاڻا گهر ڊاهڻ کان روڪيندا رهيا پر انتظاميا سندن هڪ به نه ٻڌي، ڳوٺاڻن انتظاميه خلاف نعريبازي ڪندي احتجاج ڪيو، ڳوٺاڻن اقبال عارفاڻي، امير جان بگٽي، لياقت ڪلهوڙو، ربنواز عارفاڻي ۽ ٻين صحافين آڏو دانهيندي چيو ته اسان صدين کان هتي ويٺا آهيون انتظاميا بناجواز اسانجي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري اسانجا گهر ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن، رمضان جي ٻئي مهيني ۾ گهرن کان بي گهر ڪيو ويو آهي عيد ويجهو آهي اسان ٻچن سميت کليل آسمان هيٺ ويٺا آهيون، ڳوٺاڻن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي تحفظ جي پڻ اپيل ڪئي.

بقايا 30

سرڪاري اگهه جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. هر سال مارچ جي شروعات ۾ خريداري مرڪز کوليا ويندا آهن، جنهن سبب آبادگارن کي معقول اگهه ملي سگهندو آهي، پر هن ڀيري صورتحال مختلف آهي، جنهن ڪري آبادگار سخت پريشاني جو شڪار آهن. ٻئي طرف واپارين جي هڪ هٽي هجڻ سبب ڪٽڪ جو اگهه زوري ڪيرائي 2300 کان 2500 روپيا في مڻ تائين آڻي ڇڏيو آهي، جڏهن ته گذريل سال سنڌ سرڪار 4000 روپيا في مڻ اگهه مقرر ڪيو هو. آبادگارن جو چوڻ آهي ته وڌندڙ پيداوار خرچن، جيئن ته ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جي اگهن ۾ واڌ سبب، موجوده اگهه تي سندن خرچ به پورا نٿا ٿين. ماتلي ۾ آبادگار عطا محمد لاشاري، ڊاڪٽر مير محمد نظاماڻي، اعجاز نظاماڻي، غلام مصطفيٰ مزاري ۽ ٻين سٽي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد ڪٽڪ جو مناسب اگهه مقرر ڪري خريداري مرڪز کوليا وڃن، ته جيئن آبادگار وڏي نقصان کان بچي سگهن. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن فوري طور تي نوٽيفڪيشن جاري نه ٿيو ته زراعت سان وابسته هارين ۽ زميندارن جي معيشت تي تمام گهڻو منفي اثر پوندو. آبادگارن سنڌ جي وڏي وزير، زراعت کاتي، ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي آبادگارن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ هو احتجاج تي مجبور ٿيندا.

بقايا 31

جهوپڙين ۾ اوچتو لڳندڙ باهه چند لمحن ۾ 70 کان وڌيڪ جهوپڙين کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو جنهن سبب لکين رپين جو سامان سڙي رک بڻجي ويو باهه ايتري شديد هئي جو متاثر ماڻهو رڳو پنهنجون جانيون بچائي سگهيا، جڏهن ته انهن جا قيمتي سامان، ڪپڙا، فرنيچر ۽ گهريلو شيون سڙي تباهه ٿي ويون. باهه لڳڻ جي اطلاع ملڻ شرط روهڙي جي فائر برگيڊ جون گاڏيون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ ڪيترن ئي ڪلاڪن جي جاکوڙ کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ويو. پر، جهوپڙين جي مڪمل طور تي سڙي وڃڻ سبب متاثر خاندان سخت مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. واقعي جي اطلاع ملڻ تي ڊپٽي ڪمشنر سکر راجا ايم بي ڌاريجو اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي ۽ ٻيا اعليٰ عملدار واقعي واري هنڌ پهچي ويا. ڊي سي سکر باهه وسائڻ جي عمل جي نگراني ڪئي ۽ فوري طور تي امدادي ڪمن جي هدايت ڪئي. هن متاثر ماڻهن کي يقين ڏياريو ته ضلعي انتظاميه انهن جي هر ممڪن مدد ڪندي. شروعاتي جاچ موجب، انتظاميه جو چوڻ آهي ته باهه جهوپڙين ۾ رکيل سولر بيٽري جي شارٽ سرڪٽ سبب لڳي. ان سلسلي ۾ وڌيڪ جاچ جاري آهي ته جيئن ڪنهن به غفلت يا مجرمانه عمل جي سڃاڻپ ٿي سگهي. ڊپٽي ڪمشنر سکر راجا ايم بي ڌاريجو اي سي ۽ مختيارڪار روهڙي کي هدايت ڪئي آهي ته متاثر ماڻهن جي ٿيل مالي نقصان جو ڪاٿو لڳايو وڃي ته جيئن انهن کي جلد کان جلد رليف فراهم ڪيو وڃي. ضلعي انتظاميه متاثرن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جي عمل کي پڻ تيز ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته رليف ڪيمپ قائم ڪرڻ تي به غور ڪيو پيو وڃي. متاثر ماڻهن حڪومت ۽ مخير حضرات کان اپيل ڪئي آهي ته هو انهن جي فوري مدد ڪن ته جيئن اهي پنهنجي زندگي ٻيهر شروع ڪري سگهن.

بقايا 32

آرگنائيزيشن جي سهڪار سان غلام هادي مورائي ۽ نظر حسين ميمڻ جي نگراني ۾ شهر جي ميمڻ محلا ۾ ويلفيئر جي آفيس ۾ 800 کان مٿي غريب مسڪين بي پهچ بي سهارا مردن عورتن ٻارن ۾ عيدالفطر جو راشن تقسيم ڪيو ويو ۽ ڪافي تعداد ۾ ويلفيئر جي رضاڪارن غريب ماڻهن جي انهن جي گهرن ۾ راشن پهچايو ان کان علاوه ويلفيئر جي سينٽر ۾ مفت تعليم حاصل ڪندڙ ۽ مفت ٽيوشن وٺندڙ 100 کان مٿي غريب ٻارڙن کي عيد جا سبيل نوان وڳا ڏنا ويا جڏهن ته 100 کان مٿي غريب، مسڪين ۽ بي سهارا مردن ۽ عورتن کي پڻ عيد جا سبيل نوان وڳا ڏنا ويا ان موقعي تي غلام هادي مورائي ۽ نظر حسين ميمڻ چيو ته حاجي پليڏنو ميمڻ مورائي ويلفيئر ايسوسيئيشن هميشه غريب ماڻهن ٻارن جي خدمت ڪئي آهي انهن کي ڪڏهن به خوشين واري ڏينهن ۾ وساريو نه آهي انهن جي هر طرح جي مدد ڪئي آهي.

بقايا 33

سيل، 20 هزار ڏنڊ مقرر، خبرموجب سيوهڻ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ اداري ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ جي سيوهڻ شهر ۾ واپاري پون ڪمار ۽ وجي ڪمار جي ڪرياني جي دڪان تي ڇاپو هڻي گدام تان کنڊ جون 1500 سو ٻوريون ۽ صحت لاءِ هاڃيڪار کائڻ وارو تيل هٿ ڪري ورتو آهي جنهن کانپوءِ 2 دڪان سيل ڪري واپارين مٿان 20 هزار ڏنڊ پڻ لڳايو ويو آهي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ اداري سان گڏجي ڪامياب ڪارروائي ڪئي آهي کنڊ ذخيرو ڪندڙ واپارين کي بخش نه ڪيو ويندو.

بقايا 34

ڇڏيا عطائي ڊاڪٽر صحت کاتو کان ڏاڍا ٿي ويا سڄاڻ ڌرين پاران عطائي ڊاڪٽرن تي ڪيس داخل ڪران جي گهر خبرموجب گذريل ڏينهن هيلٿ ڪيئر ڪمشن جي اڳواڻ پيراڻي شهر عطائي ڊاڪٽرن جي اسپتالن ۾ ڇاپا هنيا ڇاپن دوران هيلٿ ڪيئر ڪمشن پاران عطائي ڊاڪٽرن جي اسپتالن تي چڙهايون ڪري عطائي ڊاڪٽر مڪيش ڪمار ڊاڪٽر ڪانجي مل سميت اٺ اسپتالون عطائي ڊاڪٽر ڪانجي مل جي ذاتي ليبارٽري کي پڻ سيل ڪري ڇڏيون ليڪن عطائي ڊاڪٽر صحت حڪومت ۽ هيلٿ ڪيئر ڪمشن پاران سيل ڪيل ليبارٽري ۽ عطائي ڊاڪٽرن جون اٺ اسپتالن جي سيل توڙي زبردستي ٻيهر پنهنجون اسپتال کولي ڇڏيو رابطي ڪرڻ تي هيلٿ ڪيئر ڪمشن جي اڳواڻ ٻڌايو جنهن به عطائي ڊاڪٽر اسپتالن جون سيلون توڙي ٻيهر اسپتالون کوليون آهن انهن عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪيس داخل ڪرايا ويندا ڪنهن کي به انساني جانين سان کيڏڻ هرگز نه ڏنو وڃي ٻئي طرف تعلقو هيلٿ آفيسر چام نواز علي رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته عطائي ڊاڪٽرن سبب ڪيترين بيماريون پيدا ٿيون آهن عطائي ڊاڪٽر ڪيترا بااثر ڇو نه هجن ليڪن انهن مٿان سرڪاري فرياد تحت ڪيس داخل ڪري انساني جانين سان کيڏڻ هرگز نه ڏنو

بقايا 35

ويئي جنهن ۾ شهرين صحافين جي وڏي انگ ريلي ۾ شرڪت ڪئي ان ريلي کي خطاب ڪندي عبدالحڪيم گهانگهرو سيد نويد علي شاهه ظفر ٽگر جاني شاهه اياز قاضي رزاق لاشاري ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياءَ مان جيڪڏهن پنجاب ڪئنال ڪڍيا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي سنڌ ۾ ڏڪار پئجي ويندو جنهن سان سنڌ جي عوام ۾ انارڪي پيدا ٿيندي جنهن سان ملڪي سالميت کي وڏو نقصان ٿيندو هنن زرداري حڪومت ۽ پنجاب حڪومت کي چتاءُ ڏيندي چيو ته فوري طور تي ٺهراءُ پاس ڪرائي ڪئنال ڪڍڻ وارو منصوبو رد ڪرائي سنڌ جي شعور مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

عام اطلاع

اسين هيٺ صحيح ڪندڙ هر هڪ نالي نزاڪت علي ولد دادو عرف دادن ذات خاصخيلي عمر اٽڪل 27 سال ويٺل ڳوٺ مولوي عبدالرحمان ذات خاصخيلي پوسٽ دريا خان مري تعلقو ۽ ضلعو نوشهروفيروز (2) راشد علي ولد الهه بخش ذات خصخيلي عمر اٽڪل 30 سال ويٺل ڳوٺ ڪنڊي ديهه ڪنگهل پوسٽ دريا خان مري تعلقو ۽ ضلعو نوشهروفيروز حاضر رهي ساک سان بيان ٿا ڪريون تہ اسين فوتي نالي ڏتي بخش ولد يار محمد خاصخيلي کي چڱي طرح سڃاڻيندا هئاسين جيڪو اسان جو ويجهو عزيز هئو تاريخ 17-8-22 تي فوت ٿي ويو هو فوتي فوت ٿيڻ وقت هيٺيان وارث ڇڏيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا. (1) شاهنواز پٽ فوتي ڏتي بخش خاصخيلي 45304-3465448-5. (2) مسمات ستابي ڌيءُ فوتي ڏتي بخش خاصخيلي 45304-3026469-8 (3) مسمات فيروزه ڌيءُ ڏتي بخش خاصخيلي 45304-9251903-2 فوتي کي مٿي ڏيکاريل وارثن کانسواءِ ٻيو ڪو بہ وارث نہ آهي. فوتي جي ماءُ پيءُ ڏاڏو ڏاڏي ۽ سنڌس زال پڻ فوتي کان اڳ فوت ٿيل آهن جڏهن تہ سنڌس هڪ ڌيءُ نالي مسمات گلابي ڌي ڏتي بخش خاصخيلي فوتي کان اڳ فوت ٿيل آهي جيڪا اٽڪل 10 سال اڳ ۾ فوت ٿيل آهي ۽ سنڌس زال نالي مسمات مهناز زال ڏتي بخش خاصخيلي جيڪا 11-4-2018 تي فوت ٿيل آهي جيڪا مڙس کان اڳ فوت ٿيل آهي اسان بيان ڪندڙ جو صرف ايترو بيان آهي تہ هن بيان ڏيڻ بعد فوتي کو بہ وارث ظاهر ٿيو تہ ان لاءِ اسان بيان ڪندڙ قلم (1) P_11_193 نزاڪت علي ولد دادو عرف دادن خاصخيلي 45304-2093950-9 (2) راشد علي ولد الهه بخش خاصخيلي 45304-5000558-1

بحڪم: مختيارڪار نوشهروفيروز

01 بقايا

برادري جي ٻن ڌرين ۾ مال جي پيل تان جهيڙو، جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اڌاڌنڌ فائرنگ هڪ ڄڻو قتل هڪ زخمي فوت جو لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل مڙهہ ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو تفصيل موجب ڪشمور گلڻ پور جي ڳوٺ لالڙو مزارو ۾ مال جي پيل تان مزاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو مخالف ڌر جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اڌاڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب لالي مزاري ٿڌي تي قتل ٿي ويو جڏهن تہ هيرا مزاري سخت زخمي ٿي پيو فوت جو لاش ۽ زخمي کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون آهن ٻنهي ڌرين ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو جاري آهي مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي

02 بقايا

ڳوٺ محمد حنيف آرائين جي نوجوان سعيد احمد آرائين کان بہ نامعلوم جوابدار اي ٽي ايم ڪارڊ مٽائي هڪ لک ڪڍي فرار ٿي ويا ڳوٺاڻي تعلقا پريس ڪلب تي پهچي ڌانهيندي چيو تہ جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي هن چيو تہ قاضي احمد پوليس ٿاڻي تي ايف سي داخل ڪرائي آهي ۽ بينڪ مان سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ وڊيوز ورتا آهن

03 بقايا

ڦرڪري ڦورو آساني سان فرار، پوليس فوجي ڪتا گهرائي پيرا گم ڪري واپس موٽي آئي تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ريلوي ڦاٽڪ وٽان هٿيار بند پوليس اهلڪار سدير سومرو کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندن کي تشدد جو نشانو بڻائي سندن کان سرڪاري هٿيار ڦرڪري ڦورو آساني سان فرار ٿي واقعي جو اطلاع حد جي پوليس کي ڏنو اطلاع ملڻ تي پوليس نفري واقعي واري هنڌ پهچي فوجي ڪتن جي مدد سان پيرا کڻي ڪچي واري علائقي ۾ وڃائي واپس موٽي آئي.

04 بقايا

۾ آل سنڌ پيسٽي سائيڊ پاران عبدالغفار ٻارڻ، علي محمد پرڳڙي، شريف رند، اسلم جماري، مجيد سومرو، ڪامران، منير آرائين، هاشم منترو، ممتاز بروهي ۽ طفيل گرماڻي جي اڳواڻي ۾ گذريل ڏينهن دوان درياءَ پل کان سجاول پبلڪ پارڪ تائين وڏي تعداد ۾ گاڏين جي ڪافلي جي صورت ۾ درياءُ بچايو سنڌ بچايو جي عنوان هيٺ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. پبلڪ پارڪ اڳيان ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ وفاقي حڪومت سنڌو درياءَ تي 6 ڪينال ڪڍي سنڌ جي عوام سان وڏي زيادتي ڪئي آهي. مٿان سارِيال جي سيزن اچي پئي زميندار تمام گهڻا پريشان آهن هنن وڌيڪ چيو تہ پنجاب سنڌو ندي تي وڌيڪ ڪينال ڪڍيا تہ سنڌ جي عوام کي وڏو نقصان ٿيندو. سنڌ جون زمينون بنجر بڻجي وينديون. سڄي سنڌ سڪي ويندي

05 بقايا

ضلعي طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ آفيس جي مک گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي آپڪا پاپوليشن سنڌ جي صوبائي صدر پيرل ڏايو تنظيم جي اڳواڻن محمد شريف عمراڻي، عبدالوحيد چانڊيو، رجب سولنگي، وهاب مغيري، رضوان منائي ۽ ٻين سان ڳالهائيندي چيو تہ حڪومت اسان جي جائز مطالبن کي تسليم نہ ڪري اسان کي روڊن تي اچڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. جڏهن تہ گذريل هڪ وڏي عرصي کان وٺي اسان کي پنهنجي حقن کان محروم رکيو ويو آهي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن چيو تہ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پاران حاضر سروس توڙي رٽائرڊ ملازمن کي عيد کان اڳ عيد جو بونس ڏنو وڃي. جڏهن تہ 18 هين ترميم کان پوءِ صوبائي حڪومتن ڏانهن وفاق کان منتقل ڪيل ننڍين پاپوليشن ملازمن کي ريگيولر ڪري ڪين پروموشن ڏيڻ سان گڏ گهوٽڪي مان برطرف ڪيل 18 ملازمن کي نوڪرين تي بحال ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 450 ڪانٽريڪٽ ملازمن کي ريگيولر ڪري ڪين پروموشن ڏنو وڃي. جن ۾ وڌيڪ انگ عورت ملازمن جو پڻ آهي. جڏهن تہ پراڻن ملازمن جي اپگريڊيشن بحال ڪري رهيل ملازمن جي گريڊ کي اپگريڊ ڪري سيني ملازمن کي ٽائيم اسڪيل ڏئي ڪين ريگيولر ڪري انهن کي پروموشن ڏيڻ سان گڏ گريڊ کي اپگريڊ ڪري ٽائيم اسڪيل ڏنو وڃي. هن چيو تہ وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل ڪيل آفيسرن کي ريگيولر ڪيو ويو پر ننڍن ملازمن ۽ سيف سنڌو جي ننڍن ملازمن کي ريگيولر نہ ڪري ملازمن سان ناانصافي ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ سنڌ اندر ٻٽو نظام قائم آهي. هڪڙن کي اپگريڊ ڪري ٽائيم اسڪيل ڏنو ويو آهي تہ هڪڙن ملازمن جي پگهارن ۽ پينشنن ۾ اضافو ۽ ٻيا ملازم روڊن تي احتجاج ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. پيرل ڏايو وڌيڪ چيو تہ سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ ۽ اسيمبلي جي ميمبرن توڙي ٻين ادارن جي ملازمن جي پگهارن سميت مراعتن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون سرڪاري رٽائرڊ ملازمن کي پينشن ڏيڻ سان گڏ ميڊيا جي سينئر نمائندن جي بہ ڪائي مالي مدد ناهي ڪئي. هن چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، صدر پاڪستان آصف علي زرداري، وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف، سي ايم سنڌ مراد علي شاهه، صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرہ پيچوهو ايم پي اي فريال ٽالپر، چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف علي شاهه، سيڪريٽري پاپوليشن عبدالحفيظ عباسي ۽ ٻين کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مٿي ڄاڻايل مسئلا فوري طور تي حل ڪري انصاف ڪيو وڃي.

06 بقايا

جو روپوش جوابدار چاڪر بوزدار کي پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو سنجهورو پوليس چرس جي ڊيلر شفقت حسين پنيرو کي گرفتار ڪري ورتو 6 منشيات فروش وٽان هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس، سوين گٽڪا پڙيون ۽ درجنين ليٽر شراب هٿ ڪيو ويو. سانگهڙ: تفصيل موجب ايس ايس پي سانگهڙ غلام نبي ڪيريو جي اڳواڻي ۾ ڏوهارين خلاف ڪاروائن جي سلسلي ۾ ايس ايڇ او کپرو منير احمد جتوئي پوليس مقابلي جو روپوش جوابدار چاڪر بوزدار کي ٽي ٽي پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايڇ او سنجهورو محمد علي زرداري پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ چرس جي ڊيلر شفقت حسين کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1050 گرام چرس هٿ ڪري ورتي. ان کان علاوه ايس ايڇ او سانگهڙ گلزار علي مري اقدام قتل جي روپوش جوابدار علي بخش جمالي کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن تہ ايس ايڇ او شاهپورچاڪر محمد يوسف، ايس ايڇ او شهداڊپور ذوالفقار علي ۽ تعلقا پوليس ٽنڊو آدم. مختلف ڪاروائن دوران منشيات فروش دلبر خاصخيلي لڪاڻو پرويز مگسي، شهزاد ڪوڪر جي قبضي مان 70 ليٽر شراب ۽ 390 گٽڪا پڙيون هٿ ڪري ورتيون آهن.

07 بقايا

مرڪزدعوت القرآن والسنت پاران جامع مسجد زم زم سنڌ اسلامڪ سينٽر مناره روڊ سکر ۾ هڪ پروقار ختم القرآن جي مجلس زير صدارت مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان ومهتمم جامعہ حماد مظهر العلوم منزل گاه سکر شيخ الحديث حضرت مولانا مفتي حافظ سعود افضل هاليجوي ٿي گذري جنهن ۾ تنظيم جي مرڪزي صدر پروفيسر اصغرمجاهد مهر وائيس چيئرمين تنظيم پروفيسر محمد ابراهيم مهر مير مشتاق علي لنڊ ڊپٽي سيڪريٽري جنرل تنظيم شهباز علي بلوچ ۽ ضياءالرحمان مهر شريڪ ٿيا مولانا مفتي سعود افضل هاليجوي پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ قرآن پاڪ جو نزول بہ رمضان جهڙي مقدس مهيني ۾ جبل نور تي ٿيو هو پهرين وحي نازل ٿيڻ سان نبوت ۽ رسالت جي اظهار لاءِ جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجن عزيزن قريشين کي اسلام جي ۽ هڪڙي الله جي عبادت لااِلہ الا الله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي دعوت ڏني ۽ الله پاڪ جي وحدانيت جو اعلان ڪيو تہ جيڪي جهالت ۾ نبي سڳوري سان محبت عزت ۽ عقيدت ۽ احترام سان پيش ايندا هئا اهي سڀ دشمن ٿي پيا الله جي وحدانيت ۽ نبوت ۽ رسالت جو سخت انڪار ڪري دشمني تي لهي آيا طرح طرح سان پاڻ ڪريم کي پنهنجي قوم قريش ۽ عزيز تنگ ڪرڻ لڳا سخت اذيتون ڏيڻ شروع ڪيون قريشين ۾ فقط هڪ نوجوان ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن سر عام نبوت ۽ رسالت تي ايمان آڻي نبي ڪريم جو ساٿ ڏنو تہ هن کي قريشين سردارن ماري ماري رتو رت ڪري ڇڏيو پر هن ساٿ نہ ڇڏيو آخر نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي مڪي کان هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو الله پاڪ نبي سڳوري کي يثرب ڏانهن هجرت ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ نبي سائين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي ساڻ ڪري مديني پاڪ روانا ٿيا پر مشرڪين مڪہ مديني تائين بہ برداشت نہ پئي ڪيو مطلب تہ حق دين اسلام خاطر صحابہ ڪرام وڏيون قربانيون ڏنيون هاڻي هتي حق جماعت جي علماء ڪرام جي ٽارگيٽ ڪلنگ ڪئي پئي وڃي پر قرآن جي برڪت ۽ عظمت آهي جو وفاق المدارس مان هر سال تقريبن لک حافظ نڪرن ٿا قرآن وارا ختم نہ ٿيندا مفتي قاري ڪليم الله گهڇو چيو تہ رمضان شريف رحمتن ۽ برڪتن وارو مهينو آهي جنهن ۾ قرآن نازل ٿيو ٻيا چار ڪتاب ذبور انجيل ۽ توريت نازل ٿيا پر الله پاڪ فقط قرآن پاڪ جي حفاظت جو ذمو کنيو آهي جو اڄ تائين زبر ۽ زير ۽ پيش جي ڪنهن کي بہ طاقت ناهي جو بدلائي سگهي قرآن جيئن نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن تي نازل ٿيو آهي اڄ بہ مسلمانن جي سيني ۾ محفوظ آهي ۽ قيامت تائين محفوظ رهندو صدر تنظيم پروفيسراصغر مجاهد مهر باب الاسلام سنڌ ۽ ختم القرآن جي مجلس ۾ ٿي قرارداد پيش ڪيون جيڪي اتفاق راءِ سان منظور ڪيون ويون جنهن ۾ چيو ويو تہ اسان ميئر سکر ۽ سکر انتظاميہ کان مطالبو ٿا ڪريو تہ پارڪ جي نالي تي هڪ شرعي آئيني ۽ قانوني طور تعمير ٿيل سنڌ اسلامڪ سينٽر مناره روڊ سکر کي مسمار ڪيو ويو آهي هاڻي مسجد زم زم ۽ مدرسہ مرڪز دعوت القرآن والسنت جو گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي ۽ رستا روڪ ڪري غير قانوني گيٽ لڳائي جماعت ۽ نمازين کي تنگ ڪيو پيو وڃي ايتري قدر جو علماء ڪرام عام مسلمان نمازپڙهڻ وارين جي گاڏين کي مناره روڊ تي بيهاريو پيو وڃي علماءِ ڪرام جي سيڪيورٽي کي خطره لاحق آهن ۽ گاڏين چورين جو بہ خدشو آهي ان ڪري مسجد جي سامهون لڳل گيٽ جون چابيون مسجد ۽ مدرسہ انتظاميہ جي سپرد ڪيون وڃن جيئن سڀ خدشا ۽ خطره دور ٿين هي تقريب ۽ ڪانفرنس حڪومت سنڌ ۽ حڪومت پاڪستان کان مطالبو ٿي ڪري سنڌو دريا مٿان نوان ڪينال ٺاهڻ فوري طور تي بند ڪيا وڃن حڪومت پاڪستان کان مطالبو ٿو ڪجي تہ ملڪ ۾ جاري علماء ڪرام جي ٽارگيٽ ڪلنگ بند ڪرائي علماء ڪرام جي سيڪيورٽي ۽ سلامتي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ علماء ڪرام جي ٽارگيٽ ڪلنگ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي

08 بقايا

شاهه رخ انور سيال جي هدايتن تي ٽائون جي عملي طرفان مختلف يوسين ۾ کليل گٽرن کي ڍڪڻ لڳائي بند ڪيو ويو. ان موقعي تي دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال جو چوڻ آهي تہ شهرين کي صاف سٿرو ۽ محفوظ ماحول مهيا ڪري ڏيڻ اسان جي ذميواري آهي. جڏهن تہ گٽرن جا منهن کليل هجڻ ڪري حادثن جو خدشو هيو جنهن کي نظر ۾ رکندي ٽائون جي مختلف يوسين ۾ کليل گٽرن تي ڍڪڻ لڳايا ويا آهن تہ جيئن شهرين کي ڪا بہ تڪليف محسوس نہ ٿئي سگهي. ان موقعي تي پي پي پي اڳواڻ غلام رسول لغاري، مهراڻ انصاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٿو محمد ابراهيم بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

09 بقايا

ٿيا هئا دوري دوران مقتول ڌر جي ڳوٺاڻن احتجاج شروع ڪري ڇڏيو جنهن سبب ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي. علاالدين جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو تہ سندس سرنهن جو فصل تيار آهي. پر مخالف ڌر ان کي نقصان پهچائي رهي آهي. هن چيو تہ هو پنهنجي زمين تي سنڀال لاءِ وڃي ٿو تہ مخالف ڌر حالتون خراب ڪري پاڻ کي مظلوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هن وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو تہ سرڪاري رڪارڊ موجب زمين سندس آهي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ آهي تہ هو رڪارڊ چيڪ ڪري سگهي ٿو ايم اين اي جوڻيجو چيو تہ ڏيڍ مهينو اڳ سندس هارين تي حملا ڪيا ويا. جنهن جي نتيجي ۾ ٽي ماڻهو مارجي ويا. جيڪو ڏکوئيندڙ واقعو آهي. هن ٻڌايو تہ هو مقتولن جي وارثن وٽ تعزيت لاءِ وڃڻ چاهيو پر ڪجهہ شرپسند عنصرن حالتون خراب ڪيون علاالدين جوڻيجو واضح ڪيو تہ قتل ڪيس ۾ نامزد ماڻهو جيل ۾ آهن. ۽ هو قانون جو احترام ڪري ٿو تنهن ڪري قانوني طريقي سان معاملي کي منهن ڏنو ويندو. هن دعوي ڪئي تہ تازو سندس فصل کي نقصان پهچايو ويو. جنهن تي هن قانوني ڪارروائي ڪندي مقدمو داخل ڪرايو پر ڪنهن بہ غيرقانوني عمل ۾ ملوث ناهي. ٻئي طرف احتجاج ڪندڙ مقتول ڌر جي ڳوٺاڻن سعيد خان جوڻيجو عرفان جوڻيجو ۽ ٻين چيو تہ انهن سان وڏو ظلم ٿيو آهي. ۽ سندن ٽي نوجوان قتل ڪيا ويا آهن. هنن دعويٰ ڪئي تہ علاالدين جوڻيجو جي فصل کي هٿ بہ نہ لاتو ويو آهي ۽ سڀ الزامن کي رد ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙن چيو تہ هو عدالت تي مڪمل اعتماد رکن ٿا ۽ اميد آهي تہ ڪين انصاف ملندو. علاالدين جوڻيجو انتظاميا کان مطالبو ڪيو تہ امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. جڏهن تہ مقتول ڌر جي ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو تہ انهن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. صورتحال تي ضلعي انتظاميا ۽ پوليس جو ڪوبہ موقف سامهون نہ آيو آهي

10 بقايا

اڏڻ خلاف فتح پور کان قاضي احمد تائين ايس يو پي سنڌ جي صدر سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن جي موٽر سائيڪل ريلي ۽ ڪارن جي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ وڏي انگ ۾ آبادگارن ۽ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي. قاضي احمد شهر جي مين روڊ تي ريلي پهتي تہ جلسي ۾ تبديل ٿي وئي . نصير آباد ۾ ايس يو پي ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو رڪارڊ ڪرايو. ميهڙ ۾ پڻ ايس يو پي ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. احتجاجي مظاهرن ۽ جلسي کي خطاب ڪندي ايس يو پي چيئرمين سيد زين شاهه چيو تہ پ پ اليڪشن کان اڳ ۾ سنڌ جي پاڻي. زمينن ٺي سندن احتساب نہ ڪرڻ جو سودو ڪري آيا هن چيو تہ 6 ڪينالن جي منظوري وزيراعظم ۽ وزيراعلي نہ ڏني اها صدر آصف زرداري ڏني هن چيو تہ اسان وڪيلن دوڪاندارن آبادگارن شهرين کي اپيل ٿا ڪريون تہ سڀ گڏ ٿيو تہ پنهنجي درياءَ ڌرتي کي بچايون هن چيو تہ حڪمرانن ڪالہ جيڪو ورجن ڏنو انهيءَ کي سنڌ جي عوام رد ڪري ڇڏيو سنڌ جي عوام دشمن کي صحيح سڃاتو تنهن ڪري اڄ جنگ ڪٽي آهي سنڌ جا لکين ماڻهو ساٿ ڏيو تہ سنڌو درياهہ کي بچايون هن چيو تہ هو 4 اپريل تي وري غلط بياني ڪندا ۽ 5 اپريل تي وري اسان ۽ سنڌ جي ماڻهوان غلط بياني کي رد ڪندا هن چيو تہ عيد ڪانپوءِ اپريل مهيني ۾ تڪراري ڪينال منصوبن خلاف جدوجهد تيز ڪنداسين چو تہ سنڌو ندي جو سودو سنڌي ماڻهون ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪنداسين ۽ هر حال ۾ تڪراري ڪينال منصوبن کي رد ڪرائينداسين اسان هاڻي مستقل مزاجي ۽ پرامن طريقي سان احتجاجي تحريڪن کي تيز ڪنداسين زين شاهه وڌيڪ چيو تہ هن وقت سنڌ جو ٻچو ٻچو باخبر ٿي ويو آهي تہ اسان کان اسان جو درياءُ کسيو پيو وڃي. مان وفاقي حڪومت کي ٻڌايان ٿو تہ هوش کان ڪم وٺي تڪراري ڪينال منصوبن کي رد ڪري چو تہ پاڻي تحريڪ جيتري تيز ٿيندي ايترو وفاق ڪمزور ٿيندو ۽ سنڌي قوم هاڻي هڪ هڪائي ڪندو. زين شاهه چيو آهي تہ عيد بعد ڪئنالن خلاف جدوجهد تيز ڪبي، رمضان مهيني ۾ بہ سنڌ جو عوام رستن تي آهي. ڪئنالن جي سودي جي ڪري پ پ پ کي اقتدار مليو آهي. ميهڙ ۾ ميڊيا سان ڳالهيون ڪندي ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو تہ ڇئنلن ڪئنالن جي هلندڙ ڪم کي وائکو ڪري عوام کي حقيقتون ڏيکاري سچائي جو ثبوت ڏنو آهي. پ پ جي سنڌ سرڪار ڪئنالن جي مسئلي تي ماڻهن کي گمراهہ پئي ڪيو آهي. پ پ پ کي مظاهرا ڪري ماڻهن کي وڌيڪ گمراهہ ڪرڻ ۽ وقت جو ذيان ڪرڻ بجاءِ سڌو سنئون ڪئنالن کي ختم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن ڪڍڻ گهرجي. يا اسلام آباد مان رفيصلو واپس وٺرائين. سنڌ جي وزير اعلي جي ڪئنال نہ ٺهڻ واري بيان کي ميڊيا وائکو ڪيو آهي، پ پ پ پلي چا بہ ڪري يا چئي، عملي طور پ پ پ ڪئنالن جي اڏاوت ۾ شريڪ آهي، پ پ پ جي مظاهرن ۾ بہ سندن اڳوائن تي لعنتون لڳن پيون.

11 بقايا

چيڪنگ ڪئي وئي. آپريشن دوران، اضافي ڀاڙو وٺڻ تي 427 گاڏين کي چالان ڪيو ويو جڏهن تہ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٽرانسپورٽرن تي 3,84,200 رپيا جرمانو مڙهيو ويو ٽرانسپورٽ کاتي جي ٽيمن مسافرن کان اضافي ڀاڙي جي مد ۾ وصول ڪيل ڏهہ لک 15300 رپيا موقعي تي ئي مسافرن کي موٽرائي ڏنا. ٽرانسپورٽ کاتي موجب، هي مهم عيد الفطر کان پوءِ بہ جاري رهندي تہ جيئن مسافرن کان غير قانوني ڀاڙن جي وصول کي روڪي سگهجي. ان حوالي سان سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سنڌ سرڪار عوام کي منصفاڻي ۽ سستي ٽرانسپورٽ فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ڪنهن کي بہ شهرين جو استحصال ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو تہ عيد جي موقعي تي وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جون ٽيمون مسلسل نگراني ڪري رهيون آهن .هن چيو تہ جيڪو بہ اضافي ڀاڙو وصول ڪندو ان خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن ٽرانسپورٽ اختيارين کي هدايت ڪئي آهي تہ چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ سخت ڪيو وڃي تہ جيئن عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪري سگهجي. سينئر وزيرشرجيل انعام ميمڻ شهرين کان اپيل ڪئي آهي تہ اهي وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪرڻ جي فوري طور تي لاڳاپيل اختيارين کي اطلاع ڏين تہ جيئن بروقت ڪارروائي ڪري سگهجي.

12 بقايا

انقلاب محترم رسول بخش پليجي کي سرخ سلام، هزارين عورتن ۽ مردن جي آخري آرامگاهہ تي حاضري وچن ڪري جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان، ڇهہ نوان ڪئنال ارسا ايڪٽ ۾ ڪيل ترميم ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ رد جا، سنڌ دشمن منصوبا رد ڪيا وڃن عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ طرفان ڳوٺ منگر خان پليجو ۾ محترم رسول بخش پليجي صاحب جي آخري آرامگاهہ کان جنگشاهي شهر تائين هزارين عورتن ۽ مردن جي ريلي ڪئي وئي، وفاق واضح ڪر اعلان، ڪئنال ڪپئي يا پاڪستان، سنڌوءَ خاطر جهيڙو آ، زمينن تي قبضا بند ڪريو، ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبا ختم ڪريو، ايس آءِ ايف سي ختم ڪريو، جمهوريت بحال ڪريو جا زوردار نعرا هنيا ويا. ارسا ۾ پاڻيءَ جي ورهاست واري ٽي رخي فارمولي کي آئين ۽ قانون جو قتل قرار ڏنو ويو، مظاهري کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي رابطا سيڪريٽري لال جروار، عبدالقادر رانتو رزاق چانڊيو، منا خان لاشاري، شاهه محمد چانگ گهنور زنئور دريا خان زنئور، بلاول ،سلمان لاشاري، سائر رزاق زويا پليجو ثمينا لاشاري ۽ ٻين چيو تہ ارسا جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي جي اجلاس ۾ چولستان ڪئنال جي اين او سي واپس وٺڻ جو فيصلو نہ ڪري ارسا ست ڪروڙ سنڌين جي نسل ڪشي جي سازش تي قائم آهي، ارسا ۾ سنڌ جي نمائندي چولستان ڪئنال جي اين او سي واپس وٺڻ مطالبو بہ نہ ڪيو پيپلز پارٽي ارسا ۾ سنڌ جي نمائندي کي سنڌ جو ڪيس وڙهڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، پيپلز پارٽي گجهہ ڳوهہ ۾ سنڌو درياهہ وڪرو ڪري ڇڏيو آهي، صدر زرداري ڊاميبازي بند ڪري ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ۽ ڇهہ نون ڪئنالن جي منظوري واپس وٺڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري يا صدارتي سيٽ تان استيعفا ڏئي، پيپلز پارٽي جيڪڏهن ڇهہ نوان ڪئنال رد ڪرائي سنڌو درياهہ بچائڻ جي اهليت نٿي رکي تہ سنڌ حڪومت تان استيعفا ڏئي، حڪومت ڇڏي ڏئي. هنن چيو تہ اسين سنڌي قوم کي سلام پيش ڪريون ٿا جنهن 25 مارچ واري پيپلز پارٽي جي ڊامي کي فلاپ ڪري ڇڏيو بلاول زرداري عوامي غصي ۽ ڪاوڙ کي منهن ڏيڻ بدران منهن لڪائي ڀڄي ويو ۽ ڪنهن بہ احتجاج ۾ شريڪ نہ ٿيو هنن چيو تہ پيپلز پارٽي ڪئنالن خلاف سنڌي قوم جي جدوجهد کي ماٺو ڪرڻ جي سازش ڪئي جنهن کي سنڌ جي عوام رد ڪيو ۽ سنڌ جا ماڻهو هر روز روڊن ۽ رستن تي آهن. اڳواڻن چيو تہ اڄ اسين پنهنجي قائد محترم رسول بخش پليجي صاحب سان وچن ورجائڻ آيا آهيون تہ سنڌو درياهہ بچائڻ لاءِ هن جيڪا جدوجهد ڪئي اسين ان جدوجهد کي جاري رکنداسين، سنڌوءَ جا وهڪرا بحال ڪرائڻ تائين جدوجهد روان دوان رهندي، هنن چيو تہ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي هڙادو ڪوٽ آهي، جڏهن تہ قدرتي طور هن وقت پاڻي وڏي مقدار ۾ موجود آهي، گليشيرز تيزيءَ سان ڳري رهيا آهن جنهنڪري سنڌو درياهہ ۾ پاڻي بہ تمام گهڻو اچي ٿو پر پنجاب سنڌ جو سمورو پاڻي چوري ڪري ويو آهي. 1945 ع جي پاڻي ٺاهہ جي حصي موجب پنجاب 95 سيڪڙو پاڻي وڌيڪ کڻي ٿو جنهنڪري سنڌ 95 سيڪڙو پاڻي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ ارسا جي ميمبرن انگ اکرن جي هيراڦيري ڪري اضافي پاڻي هئڻ جو جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري پنجاب کي چولستان ڪئنال ڪڍڻ جي منظوري ڏني، ارسا جي ميمبرن جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ملڪ ۾ گهرو ويڙهہ ڪرائڻ جي سازش ڪئي، جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ ارسا عملدارن خلاف آئين جي آرٽيڪل 6 تحت ڪاروائي ڪئي وڃي، اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ ارسا نوان فارمولا آڻي سنڌ جو پاڻي پنجاب کي ڏيڻ جو سلسلو بند ڪري، ارسا جيڪڏهن 1991 ع واري ٺاهہ تي عمل نٿي ڪري سگهي تہ 1945 ع واري ٺاهہ موجب سنڌ کي پاڻي ڏئي، 1945 ع واري ٺاهہ موجب پنجاب ۽ سنڌ سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ جا 48 48 سيڪڙو حصيدار آهن. 1991 ع واري ٺاهہ ۾ پاڻي في سيڪڙو ۾ ورهائڻ بدران مليين ايڪڙ فوٽ ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جيڪو سنڌو درياهہ تي ڌاڙا هڻڻ جي سازش آهي، پاڻي دريائي نظام ۾ ڪڏهن بہ ساڳئي مقدار ۾ ناهي هوندو پر پنجاب 91 ع واري ٺاهہ ۾ اها لڪي ڪئي ۽ ٺاهہ زوري زبردستي سنڌ مٿان مڙهيو. جيتوڻيڪ سنڌي قوم 91 ع واري ٺاهہ کي رد ڪيو آهي پر اسين چئون ٿا تہ گهٽ ۾ گهٽ ان ٺاهہ تي تہ عمل ڪريو جيڪو توهان زوري زبردستي اسان مٿان مڙهيو آهي. اڳواڻن چيو تہ انڊس ڊيلٽا جو پاڻي بند ڪري پنجاب سرڪار عالمي قانونن جي خلاف ورزي ڪئي آهي.

13 بقايا

گرفتار صحافي فرحان ملڪ کي ٻئي ڪيس ۾ ايف آءِ اي پاران پيش ڪيو ويو عدالت صحافي فرحان ملڪ کي پنج ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو جاچ آفيسر ٻڌايو تہ فرحان ملڪ تي پرڏيهي مان نيت تي فراڊ ڪرڻ جو الزام آهي. گذريل ڏينهن صحافي فرحان ملڪ خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس ۾ ڪيس ٻي عدالت جوڊيشنل رمانڊ تي جيل موڪليو هو پر ايف آءِ اي ڪيس جيل اماڻڻ بدران ٻن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو آهي.

14 بقايا

ڪيو ويو نوٽيفڪيشن موجب 31 مارچ کان 2 اپريل تائين عيد جون موڪلون هونديون. هاءِ ڪورٽ ڪراچي، سکر لاڙڪاڻو حيدرآباد ۽ ميرپورخاص بئنچ بند هونديون. جڏهن تہ ٽرائل عدالتون، نيب ڪورٽون، ٽربيونل ۽ اپيل ڪورٽن سميت ٻيون عدالتون بہ بند رهنديون. چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس جنيد غفار جي هدايت تي 4 اپريل جمع جي ڏينهن اڳوڻي وزير اعظم ذوالفقارعلي ڀٽو جي 46 ورسي موقعي تي بہ موڪل جو اعلان ڪيو آهي. جنهن جو رجسٽرار آفيس نوٽيفڪشن جاري ڪري ڇڏيو آهي.

15 بقايا

ڪجهہ سهولتن جي فراهمي لاءِ روڊ جو ڪم هنگامي بنيادن تي ڪرائي علائقي واسين جو ڏليون کٽي ورتيون گذريل رات افطار ڊنر جو علائقي واسين اهتمام ڪري سندس جو شڪريو ادا ڪيو سکر شهر جيڪو سدائين امن ۽ خوشحالي جو شهرهيو آهي، هڪ پيرو پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوام دوست پاليسين سبب پيپلز پارٽي جي متحرڪ نوجوان اڳواڻن سيد زيرڪ خورشيد احمد شاهہ ۽ ميئرسکر ارسلان اسلام دين شيخ جي مان ۾ ڏنل آجيائي تقريب کي خطاب ڪندي سيد زيرڪ خورشيد احمد شاهہ والد جو چوڻ هو تہ اسان عوام جي خدمت کي ڪو احسان نٿا سمجهون اهو اسان جو فرض آهي پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ جيستائين اسان زنده آهيون. سکر شهر جي ترقي جو سفر ڪڏهن بہ نہ روڪبو پيپلز پارٽي فقط تقريرن ۽ وعدن جي پارٽي ناهي، پر اها واحد پارٽي آهي. جنهن هر دور ۾ عوام جا حق بچايا آهن هن وقت جي انهن سياستدانن تي سخت تنقيد ڪئي، جيڪي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن. هن خبردار ڪيو تہ جيڪي عوام جي ترقيءَ کي روڪي رهيا آهن. انهن کي تاريخ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي. افطار تقريب کي ميئر ارسلان اسلام شيخ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جا چونڊيل عوامي نمائندا هميشہ عوامي خدمت تي يقين رکن ٿا پيپلز پارٽي اها سياسي جماعت آهي جيڪا صرف واعدا نہ پر حقيقي ڪم ڪري ڏيکاري ٿي، سکر جي هر گهٽي، هر علائقي ۽ هر ڳوٺ ۾ جاري ترقياتي ڪم ان ڳالهہ جو واضح دليل آهن تہ پاڪستان پيپلز پارٽي فقط اقتدار لاءِ نہ، پر عوام جي خدمت لاءِ سياست ۾ آهي. ۽ جڏهن تہ عوام جي طاقت پيپلز پارٽي سان آهي. ترقيءَ جا دشمن ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا

16 بقايا

گرفتاري ظاهر ڪندي ڪيس عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو عدالت 10 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا تي ڪيس 2 ڏينهن جي لاءِ ايف آءِ اي جي حوالي ڪيو ويو رپورٽ موجب اسلام آباد جي جوڊيشل مئجسٽريٽ عباس شاهہ صحافي وحيد مراد جي خلاف پيڪا ايڪٽ جي تحت داخل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ايف آءِ اي صحافي کي عدالت جي سامهون پيش ڪيو وحيد مراد عدالت ۾ ڳالهائيندي ٻڌايو تہ منهنجي سس ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا آهي جيڪا علاج جي لاءِ ڪينيڊا کان هتي آيل هئي. رات دير سان پوليس اسان جي گهر جو دراز و پچي اندر داخل ٿي، سس کي بہ تشدد جو نشانو بنايو ويو. مون کي 20 منٽ اڳ ايف آءِ اي جي حوالي ڪيو ويو آهي. وحيد مراد جي وڪيل ايمان مزاري عدالت کي ٻڌايو تہ وحيد مراد کي حبس بيجا ۾ رکڻ جي درخواست داخل ڪئي آهي. جج عباس شاهہ پڇائو ڪيو تہ وحيد مراد کي ڪڏهن گرفتار ڪيو ويو؟ ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر ٻڌايو تہ ڪالهہ رات گرفتاري عمل ۾ آندي وئي هئي، وحيد مراد تي پيڪا ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ٿيل آهي. پراسيڪيوٽر عدالت کي وڌيڪ ٻڌايو تہ صحافي وحيد مراد تي ادارن جي خلاف نفرت ۽ ڇڙ ڏيارڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. وحيد مراد آرمي چيف جي گهر ڀاتين جي حوالي سان احمد نوراني جي رپورٽ بہ شيئر ڪئي. عدالت کي آگاهہ ڪيو ويو تہ وحيد مراد سوشل ميڊيا تي بي ايل اي ۽ بلوچستان جي حوالي سان پوسٽون شيئر ڪيون انهن جي ايڪس ۽ فيس بڪ اڪائونٽس جي حوالي سان جاچ ڪرڻي آهي ۽ موبائل بہ ريڪور ڪرڻو آهي.

17 بقايا

تي ڪاريون پٽيون ٻڌي سنڌو درياهہ جي ڪنارن ۽ پريس ڪلبن تي احتجاج جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ سنڌين جي اصل عيد ۽ خوشي سنڌو درياهہ جي موجن ۽ جهومندڙ لهرن سان آهي، جنهن ڪري هن وقت عيد ملهائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مرڪزي پڌرائي ۾ جسقم چيئرمين چيو تہ سنڌو درياهہ سنڌ جي زندگي، تهذيب ۽ خوشحالي جو ضامن آهي، پراڄ سنڌو درياهہ سڪي رهيو آهي، پاڻيءَ جي کوٽ سبب زراعت، ماحوليات ۽ سنڌي قوم جي بقا کي خطرو لاحق ٿي ويو آهي. هن واضح ڪيو تہ سنڌو درياهہ تي نوان ڪينال ۽ ڊيم ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيا ويندا. ۽ جيڪڏهن وفاقي حڪومت ۽ پنجاب پنهنجي پاليسيون تبديل نہ ڪيون تہ تاريخي احتجاج ڪندي پنجاب جا رستا بند ڪيا ويندا. صنعان خان قريشي چيو تہ 7 اپريل تي شهيد بشير خان قريشي جي 13هين ورسي جي موقعي تي رتوديرو ۾ تاريخي جلسو منعقد ڪيو ويندو، جتي سنڌو درياهہ تي ٺهندڙ ڪينالن خلاف اهم اعلان ڪيو ويندو. هن سنڌي قوم کي تياري جي اپيل ڪندي چيو تہ سنڌو درياهہ بچائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ضروري آهي، چو تہ حڪمران سنڌي عوام جي احتجاج اڳيان آخرڪار جهڪي پوندا

18 بقايا

حيسڪو چيف ڪميٽي پاران 14صفن تي رپورٽ جاري. ايس ڊي او شهداڊپور سميت 6ڄڻا واقعي ۾ ڏوهي قرار مذڪوره عملدار سسپنڊ. جاچ هلندڙ شهداڊپور اسپتال روڊ تي بہ مهينا اڳ واپڊا حيسڪو سب ڊويزن ون جي عملدارن جي نااهلي لاپرواهي سبب بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب پول تان هيٺ ڪري فوت ٿيندڙ 9ٻارن جو پيءُ آفتاب مولابخش باگراڻي معاملي جو حيسڪو چيف پاران نوٽيس وٺڻ بعد سپرنٽنڊنٽ انجنئر شهيد بينظير آباد ذوالفقار علي ميمڻ جي نگراني ۾ مقرر انڪوائري ڪميٽي ۾ ڊائريڪٽر ايڊمن شفيق احمد ميمڻ چيف آپريٽنگ آفيسر جاويد اختر آخوند. ڊپٽي مئنيجر سيفٽي امجد علي شيخ تي مشتمل ڪميٽي پاران 4رڪني ڪميٽي پاران 14صفن تي مشتمل انڪوائري رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. ڪميٽي پاران ايس ڊي او شهداڊپور غياث الدين شيخ لائين سپرنٽنڊنٽ اياز شيخ. محمد علي شاهہ شاهنواز مڪراني. آصف ڪلوئي. اشتياق پيو کي انڪوائري بعد ڏوهي قرار ڏيندي رپورٽ جاري ڪندي ڄاڻايو آهي تہ مذڪوره ماڻهن جي لاپرواهي ڪوتاهي ۽ غير ذميواري سبب واقعو پيش آيو هوڏانهن اهڙي رپورٽ بعد مذڪوره عملدارن کي معطل ڪري سندس خلاف ڊپارٽمينٽل انڪوائري جاري آهي. واضح رهي تہ اٽڪل بہ مهينا اڳ لائين مين آفتاب باگراڻي ولد مولا بخش باگراڻي ٿنڀي تي ڪم ڪري رهيو هو اوچتو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو

19 بقايا

معاملو راجوڻي فيصلو واپڊا حيسڪو عملدارن ڏوهي قرار 30لک روپيہ ڏنڊ. 10لک بخش، 20لک ٻن قسطن ۾ ادا ڪندا ۽ ميڙ منٽ تڏو بخشرائيندا شهداڊپور اسپتال روڊ تي واپڊا حيسڪو سب ڊويزن ون جي عملدارن جي نااهلي سبب فوت ٿيندڙ لائين آفتاب احمد باگراڻي جي واقعي ۾ حيسڪو چيف ڪميٽي پاران 6 عملدارن جي ڏوهي قرار ڏيڻ معاملي ڪانپوءِ واقعي جو راجوڻي فيصلو اڳوڻي سينٽر فدا حسين ڏيرو جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ مرحوم آفتاب باگراڻي جي ڌر پاران محمد ايوب باگراڻي. لالا بخش باگراڻي جڏهن تہ واپڊا يونين پاران ماما قادر ڪلوئي ۽ نور بگهيو موجود هئا فيصلي ۾ واپڊا حيسڪو سب ڊويزن ون عملدارن جي ڏوهي ٿيڻ بعد سندن مٿان 30لک روپيا ڏنڊ وڌو ويو ۽ تڏو بخشرائيندا. جڏهن تہ متاثر ڌر کين 10لک لک ڪين بخش ڪندي ۽ آفتاب باگراڻي جي بيواهہ کي 20لک روپيہ ٻن قسطن ۾ ادا ڪندي فيصلي ۾ متاثر ڌر ڪيس داخل نہ ڪرائيندي ۽ ڊپارٽمينٽل انڪوائري کي پاڻ منهن ڏيندا اهڙي فيصلي بعد ٻئي ڌريون ڪيرڪنڊ ٿي ويون واضع رهي تہ بہ مهينا اڳ لائين مين آفتاب باگراڻي ولد مولا بخش باگراڻي اوچتو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب پول تان هيٺ ڪري فوت ٿيو هو جنهن ۾ حيسڪو چيف ڪميٽي پاران مذڪوره ماڻهن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو هو جنهن بعد مذڪوره عملدارن ميڙ منٽ بعد راجوڻي فيصلي لاءِ پيچ ڊڪ ڪئي آهي.

20 بقايا

دهشتگردي، غنڊاگردي، بدمعاشي ۽ بيگناهہ شهرين جي قتل خلاف آل پارٽيز موومينٽ ۽ شهري اتحاد جي سڏ تي اڄين ڏينهن تي بہ گهنٽا گهرچوڪ تي احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري احتجاج مظاهرو ڪيو ويوامن ڏيوامن ڏيو امن جي ڌرتي امن ٿي چاهي، ڀتاخوري بند ڪيو قبيلايي دهشتگردي کي روڪيو وڃي جيئڻ ۽ رهڻ جو حق عوام کي ڏنو وڃي جي زوردار نعريبازي ڪندي اڳواڻن ڊاڪٽر ميهر چند، دلمراد ڏاهاڻي، حاجي حضور بخش مغل، غلام مصطفيٰ ميراڻي، والي ڏنو فدا حسين محمداڻي، شاهنواز مرهيٽو اصغر شيخ. اشوڪ سونارو، عبدالعزيز سومرو، ۽ ٻين چيو تہ هتڙادو امن امان تباهہ ڪري عوام کي ڏوهارين جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي ڀتاخوري جو آزار وڏي وڃ ٿي ويو آهي هر دوڪاندار کي ڏوهاري گينگز پاران ڀتي لاءِ فون. واٽس اپ ذريعي تنگ ڪري ڌمڪيون ڏنيون پيو وڃن جنهن بابت مڪمل تفصيل پوليس جي آفيسرن کي ڏني آهي پر پوليس مجرمانا خاموشي اختيار ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪري ڏوهاري هاوي ٿي سرعام بدمعاشي، غنڊاگردي ڪري بي گناهہ شهرين کي قتل ڪري رهيا آهن ڀتاخوري ڪرڻ لاءِ واپارين مٿان فائرنگ ڪرڻ سبب ڪجهہ ڏينهن ۾ انيش ڪمار، پوروهيت آدم شيخ، راهگير ظهور مرهٽو قتل ٿي ويا پر پوليس هڪ بہ جوابدار گرفتار نہ ڪيو آهي قتل جو اصل ڏوهارين تي قانون پاران ڪيس بہ داخل نہ ڪيو آهي اسين احتجاج ڪندي مطالبو ڪيون ٿا تہ قاتل گرفتار ڪيو ڏوهارين جو خاتمو ڪيو ڀتاخوري بند ڪيو ڪنڌڪوٽ شهر سميت ضلعي ۾ امن امان قائم ڪيو.

21 بقايا

اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي هدايت ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز جي آفيس ۾ 27 مارچ 2025 تي منجهند 11:00 وڳي هڪ کلي ڪچهري ڪوٺائي ويندي. ريجنل ڊائريڪٽر محتسب آفيس نوشهروفيروز کلي ڪچهري دوران سرڪاري ملازمن. ريٽائرڊ ملازمن (پينشنرن) کان پگهارن،پينشن ۽ بلن جي ادائيگي بابت شڪايتون ٻڌي ان جي فوري حل لاءِ حڪم جاري ڪندو

22 بقايا

وارڊ نمبر 01 سوڇي پاڙي جي رهواسي 18 سالا نوجوان اشوڪ پٽ پيو سوڇي پنهنجي گهر اندر پاڻ کي ڦاهو ڏيئي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو پتو پوڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سندس وارث اپ ڌاريندڙ ڌانهون ڪري روئندا رهيا، اطلاع تي پوليس پهچي لاش تعلقا اسپتال آندو جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي دفوتي نشي جو عادي هو نشي لاءِ پئسا نہ ملڻ تي ڪاوڙجي پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

23 بقايا

نتيجي ۾ هڪ عورت مسمات شهبانو عرف لشم زال مٺل جتوئي مارجي وئي آهي، جڏهن تہ بہ عورتون مسمات حوران، ۽ مسمات مڪڙ جتوئي زخمي ٿي پيون آهن. مارجي ويل عورت جو لاش واقعي واري هنڌ پيل آهي، پوليس موجب واقعو پراڻي دشمني تان پيش آيو آهي جنهن ۾ هڪ عورت قتل ٿي وئي آهي. هوڏانهن مارجي ويل عورت جي وارثن ٻڌايو تہ سڻوٽن جو عبدالعليم وارن سان جهيڙو هلندڙ هيو جنهن تان اڄ ڪٽڪ جولاڀارو ڪندي جوابدارن فائرنگ ڪئي جنهن ۾ هڪ عورت قتل ٿي وئي، جڏهن تہ بہ زخمي ٿيون آهن.

24 بقايا

بيهوش ٿي وئي. ڪيس بيهوشي واري حالت ۾ قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوت ٿي وئي.فوتي ٻارڙي جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي ٻارڙي جو مڙهہ گهر پهچڻ تي سندس امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا ۽ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

25 بقايا

موقعي تي جمنڊڙ ٻار کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ پوليس جوابدار ٽينڪر ڊرائيور رحيم بادشاهہ ۽ هيلپر عمر وقاص کي عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو عدالت 3 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جاچ آفيسر منصور علي پاران جوابدارن جي جسماني رمانڊ جي استدعا ڪئي هئي. جاچ آفيسر چيو تہ جوابدارن خلاف دفعہ 322 شامل ڪيو ويو آهي. جوابدارن کان جاچ ڪرڻي آهي تہ سندس ذاتي جهيڙو تہ ناهي، عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو تہ هيوي ٽريفڪ جي ڏينهن واري وقت ۾ داخلا منع آهي. عدالت چيو تہ اهو بہ معلوم ڪيو تہ جنهن روٽ تي ٽينڪر اچي رهيو هو ان روٽ تي ڪين اجازت آهي يا ناهي. جوابدار رحيم بادشاهہ چيو تہ واٽر ٽينڪرن کي روڊ تي اچڻ جي اجازت آهي. جاچ آفيسر چيو تہ اسان کي ٽينڪر جي مالڪ بابت بہ معلوم ڪرڻو آهي. جوابدارن خلاف ڪيس ٿاڻي ماڊل ڪالوني ۾ داخل آهي.

26 بقايا

رمضان، مرڪزي ڪميٽي ميمبر رمضان ميمڻ، اڳوڻو مرڪزي نائب ، جهد حق جي ايڊيٽر ايوب قريشي، اڳوڻو مرڪزي ڪميٽي ميمبر لالا حسين، انفارميشن سيڪريٽري مرزا مقصود، سيڪريٽري ڪراچي غلام نبي ٻهراڻي ۽ ليبر سيڪريٽري سنڌ محبوب قريشي پنهنجي گڏيل بيان ۾ بلوچ يڪجهتي ڪميٽي اڳواڻن ماهہ رنگ بلوچ، سمي بلوچ ۽ ٻين ڪارڪنن جي گرفتاري جي مذمت ڪندي چيو آهي تہ بلوچستان حڪومت بربريت جي انتها ڪري ڇڏي آهي، ڪراچي پريس ڪلب اڳيان پر امن مظاهرين جي گرفتاري ۽ تشدد وارو عمل آمريت جي نشاني آهي، هنن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ ملڪ ۾ پارلياماني جمهوريت آهي ۽ آئين تي عمل درآمد آهي، جنهن جا حڪمران وڏي جرئت سان دعويٰ ڪن ٿا. نيشنل پارٽي سنڌ جي اڳواڻن پرامن سياسي جدوجهد ۾ مصروف سياسي ڪارڪنن تي رياستي تشدد کي جمهوريت جو قتل قرار ڏيندي چيو تہ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اظهار راءِ جي آزادي ضروري آهي.

27 بقايا

عيدالفطر جي دوران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن ۽ سمورين مسجدن عيدگاهن امام بارگاهن ۽ مدرسن جي رستن کي مڪمل طور تي صاف رکيو وڃي تہ جيئن هن پلاڙي ڏينهن عبادت گذارن کي ڪنهن بہ قسم جي ڏکيائي جو منهن ڏسڻو نہ پوي هن چيو عيدالفطر تي شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ڪنهن بہ عبادت کان گهٽ ناهي جڏهن تہ عيدالفطر جي انتظامن ۾ ڪنهن بہ قسم جي غفلت برداشت نہ ڪئي ويندي ٻئي طرف سي اي او واٽر ڪارپوريشن جي هدايتن تي ايس او ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن سيد سردار شاهہ لاڳاپيل اختيارين کي خط جاري ڪندي چيو تہ عيدالفطر کان اڳ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا انتظام مڪمل ڪندي مسجدن عيدگاهن امام بارگاهن ۽ مدرسن جي آسپاس سمورين شڪايتون مڪمل طور تي ختم ڪيون وڃن جڏهن د تہ سمورن ضلعن جا سپرنٽيننڊنگ انجنيئر ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن سان مڪمل رابطي ۾ رهن ۽ سمورا ايگزيڪيوٽو انجنيئر واٽر پنهنجن علائقن ۾ پاڻي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻائين ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيوريج مسجدن عيدگاهن امام بارگاهن ۽ مدرسن جي رستن کي مڪمل طور تي صاف رکن ۽ عيدالفطر جي عام موڪلن دوران عملي جي ڊيوٽي جي فهرستن فراهم ڪيون وڃن

28 بقايا

سولنگي جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي فوتي نوجوان جي پياءُ کي ٻڌايو تہ پياءُ 10 ڏينهن اڳ ڳوٺ جي ناريءَ سان پسند جو پرڻو ڪرڻ لاءِ ڪٽي ويو باثر ماڻهن جي مداخلت تي چوڪري واپس ڪئي سين پياءُ مينديءَ جي مزدوري تي ويل هو جنهن جو لاش مليو آهي هن چيو تہ جوابدار پرويز، رسول بخش، زبير سولنگي ۽ ٻيا فيصلي بعد بہ ڌمڪيون ڏيندا هيا انصاف ڪيو وڃي

29 بقايا

شاهہ سان اٽلي جي نئين قونصل جنرل مسٽر فيبريزيو بيئلي ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻطرفي لاڳاپن، واپار، سيڙپڪاري جي موقعن ۽ گڏيل ترقياتي منصوبن تي ڳالهيون ڪيون ويون. وڏي وزير سيد مرادعلي شاهہ مسٽر فيبريزيو بيئلي کي سنڌ ۾ مقرر ٿيڻ تي واڌايون ڏيندي چيو تہ سنڌ حڪومت اٽلي سان مڪمل سهڪار ڪندي تہ جيئن واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبي کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي. ان موقعي تي قونصل جنرل فيبريزيو بيئلي چيو تہ اٽلي جا سيڙپڪار سنڌ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ گهري دلچسپي رکن ٿا. هن سنڌ ۾ مختلف ترقياتي ۽ واپاري منصوبن ۾ اٽلي جي ڪردار تي روشني وڌي. تاريخي پسمنظر بيان ڪندي وڏي وزير چيو تہ 1960 ۾ تربيلا ڊيم ۽ ڪراچي کان حيدرآباد سپر هاءِ وي جي تعمير ۾ اٽلي جي انجنيئرن اهم ڪردار ادا ڪيو پر ان ڪانپوءِ اٽلي ڪنهن بہ وڏي منصوبي ۾ شريڪ نہ ٿيو. هن چيو تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اٽلي سنڌ حڪومت سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي مختلف رٿائن تي گڏجي ڪم ڪري. وڏي وزير مراد علي شاهہ اٽلي جي سيڙپڪارن کي سنڌ ۾ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ ۽ ڊي-سيلينيشن جي رٿائن ۾ پائيداريءَ جي دعوت ڏني. خاص طور تي ڪراچي ۾ انهن رٿائن تي ڪم ڪرڻ جا وسيع موقعا موجود آهن. ملاقات دوران ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي بہ اتفاق ڪيو ويو.

30 بقايا

جنهن جي نتيجي ۾ 7 ٻارن سميت وڌيڪ 30 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن. تنظيم سيو دي چلڊرن موجب اسرائيلي بمباري سبب هڪ هفتي دوران 270 ٻار شهيد ٿي ويا جڏهن تہ تازن حملن ۾ 7 ٻارن سميت وڌيڪ 30 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي ويا. اسرائيلي فوج فلسطينين کي جباليہ جو علائقو خالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جنهن کان پوءِ هزارين تباهہ حال فلسطيني ٻيهر بي گهر ٿي ويا آهن. هوڏانهن حماس عالمي برادري کان اسرائيلي جارحيت کي روڪرائڻ ۽ سڄي دنيا ۾ احتجاجي مظاهرن جو مطالبو ڪيو آهي. ٻئي طرف اسرائيلي پارليامينٽ جي اندر ۽ ٻاهر نيتن ياهو حڪومت جي خلاف احتجاج ڪيو ويوانهي سان گڏ ٿي يرغمالين کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو بہ ڪيو ويو آهي. ياد رهي تہ غزه ۾ 7 آڪٽوبر 2023 کان جاري اسرائيلي جارحيت جي نتيجي ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ 50 هزار کان وڌي ويو آهي.

31 بقايا

. اسلامي نظرياتي ڪائونسل جو اجلاس چيئرمين راغب حسين نعيمي جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ بنا اجازت ٻي شادي تي پهرين گهرواري کي نڪاح ختم ڪرڻ جو حق ڏيڻ غير شرعي قرار ڏيندي چيو ويو تہ اهڙو عدالتي فيصلو جيڪو پهرين گهرواري کي اهو حق ڏئي، اهو شريعت جي نظر ۾ درست ناهي. واضح رهي تہ ان کان اڳ سپريم ڪورٽ بنا اجازت ٻي شادي تي پهرين گهرواري کي معاهدو ختم ڪرڻ بابت فيصلو ڏنو هو.

32 بقايا

درخواست تي وفاق، ڊپٽي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪري 7 اپريل تي جواب طلب ڪري ورتو آهي. عدالت اهڙو حڪم سنڌ جي هڪ زميندار قربان ميتلو جي وڪيل ٻئريسٽر ضمير گهمرو پاران داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻي ڪندي ڏنو درخواست ۾ ارسا ۾ وفاق جو ميمبر سنڌ مان مقرر ڪرڻ بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي عمل ڪرائڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواستگذار جو وڪيل ٻئريسٽر ضمير گهمرو عدالت ۾ موقف پيش ڪندي چيو تہ جيئن ارسا جو ڍانچو غيرقانوني آهي، چو تہ ان جو وفاقي ميمبر سنڌ مان مقرر نہ ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري اها پاڻيءَ جي دستيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جو اختيار نٿي رکي، جيڪو چوليستان ۽ ٿل ڪينال فيز II جي تعمير لاءِ جاري ڪيو ويو آهي. هن عدالت کي اپيل ڪئي تہ ارسا پاران ڪينالن جي تعمير لاءِ جاري ڪيل پاڻيءَ جي دستيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ غيرقانوني قرار ڏئي، ان کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. بئريسٽر ضمير گهمرو اڄ جسٽس فيصل ڪمال جي سربراهيءَ ۾ قائم ڊويزن بئنچ آڏو دليل ڏيندي چيو تہ ارسا جو وفاقي ميمبر امجد امتياز علي، جيڪو سنڌ مان نہ آهي، اهو غيرقانوني طور تي پنهنجي عهدي تي قابض آهي، ان کي فوري طور هٽايو وڃي. هن دليل ڏنو تہ پاڻيءَ جي دستيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ غيرقانوني ۽ غيرآئيني آهي، تنهنڪري ڪينالن جي تعمير فوري طور روڪڻ گهرجي. هن عدالت کي ياد ڏياريو تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳ ۾ ئي فيصلو ڏئي چڪي آهي تہ ارسا جو وفاقي ميمبر سنڌ مان هجڻ گهرجي. جڏهن تہ وفاقي حڪومت جي سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل اپيل 2021 ع ۾ خارج ڪئي وئي هئي. باوجود ان جي، پنجاب مان غيرقانوني طور تي ميمبر مقرر ڪيو ويو جيڪو سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي خلاف ورزي آهي. ارسا جو ڍانچو غيرقانوني هجڻ سبب، اها پاڻيءَ جي دستيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جو بہ اختيار نٿي رکي. هن نشاندهي ڪئي تہ پوري سنڌ احتجاج ۾ آهي، بار ايسوسيئيشنز ٺهراءُ پاس ڪيا آهن، تنهنڪري ڪينالن جي تعمير کي روڪڻ گهرجي. عدالت وفاقي حڪومت ۽ اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪندي، درخواست جي ٻڌڻي 7 اپريل تي صبح 11 وڳي لاءِ مقرر ڪري ڇڏي.

33 بقايا

ريسرچ ڪميشن(سپارڪو) بہ سوال 1446 هجري جي چنڊ جي رويت بابت اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. سپارڪو طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب رمضان جو مهينو 29 ڏينهن جو ٿيڻ جي اميد آهي جڏهن تہ عيدالفطر 31 مارچ تي ٿيندي. سپارڪو جي پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ شوال جو نئون چنڊ 29 مارچ تي ٻنپهرن جو 3 لڳي 58 منٽن تي پيدا ٿيندو ۽ 30 مارچ تي سج لهڻ وقت چنڊ جي عمر تقريبن 27 ڪلاڪ هوندي. جاري ڪيل پڌرائي موجب 30 مارچ تي چنڊ ۽ سج جو فاصلو تقريبن 16 ڊگري ۽ سج لهڻ وقت چنڊ جي بلندي تقريبن 14 ڊگري هوندي ان ڪري 30 مارچ تي چنڊ انساني اک سان آساني سان نظر ايندو پر عيدالفطر جي حتمي رويت جو فيصلو رويت هلال ڪميٽي جي ذميواري آهي.

34 بقايا

مرڪزي اڳواڻو سيمي دين بلوچ جي نظر بندي کي چيلنج ڪيو ويو آهي. اڄ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٻہ رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي. سيمي بلوچ کي سومر جي ڏينهن احتجاج ڪرڻ تي گرفتار ڪيو ويو هو. پوليس پاران ڪيس داخل ڪيو ويو. جڏهن تہ جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڪيس خارج ڪري ڪرس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. ڪيس خارج ٿيڻ کان پوءِ اڳاري ڏينهن سيمي دين بلوچ کي ايم پي او تحت ٻيهر گرفتار ڪيو ويو. گهر ڪئي وئي تہ جنهن کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي.

35 بقايا

پيادل مارچ ڪري پهتا، جتي مارچ جلسي جي صورت اختيار ڪري ويو. مٺي پهچڻ تي شهرين، واپارين، آبادگارن اياز لطيف پليجو کي اجرڪون جا تحفا پيش ڪيا ۽ گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو مارچ ۾ عورتن سميت هزارين ماڻهن درياهہ خاطر جهيڙو آ، سنڌو خاطر جهيڙو آ، ڪئنال نامنظور جي سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا. پيادل مارچ ۾ قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو زاهد گل اوٺو شاهنواز هگورو، صبحان بجير، الله ڏنو هالائي، سنيتا افروز گل اوٺو ڪرڻ ريباري، زاهد گل اوٺو محمد نهڙي، روشن بجير، سريش پرمار، پرشوتم پرمار، موهن سوجاڻي، گلشن سنڌي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جلسي کي خطاب ڪندي چيو تہ ڪلہ سنڌ جي عوام اقتداري پارٽي، ڪوڙ ڳالهائيندڙ ۽ مڪرباز سياستدانن کي رد ڪري ڇڏيو آهي.اي سنڌو درياءُ! تون اسان جورت ست، اسانجو ساهہ ۽ ويساهہ آهين. اي مهراڻ! تون قدرت ماءُ طرفان اسان لاءِ سڀ کان مقدس ترين تحفو آهين سنڌ هنن کي ڪئنال ٺاهڻ ڪون ڏيندي، اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ ڪئنال ٺاهي ويندا، ڪئنال ٺهن پيا. ڪم هلي پيو . سنڌي ڪجهہ نہ ڪري سگهندا،اهو غلط تاثر آهي.اياز لطيف پليجي چيو تہ پيپلز پارٽي ڪئنال ٺاهڻ لاءِ وفاقي حڪومت سان گڏ ويٺي آهي. آصف زرداري ايوان صدر ۾ ويهي ڪئنالن جا ڪم تيز ڪرڻ لاءِ اجلاس ڪري رهيو آهي. سنڌ ۾ عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ احتجاجن جو ڊرامو رچايو ويو آهي. سنڌ جي ماڻهن پيپلز پارٽي جي ڊرامي کي رد ڪري ڇڏيو. اياز لطيف پليجي چيو تہ ڪئنال ٺهيا تہ سنڌ ڪربلا جو ميدان هوندي، ماڻهو هڪ ڍڪ لاءِ ترڇندا. زرداري ايندڙ حڪومت وٺڻ لاءِ سنڌ جي هر شي کپائي ڇڏي آهي، هي سنڌ جو شعور اوهانکي پاڻي تي ڌاڙو ڪون هڻڻ ڏيندو ۽ هي اهو سنڌ جو شعور آهي جيڪو اوهان سان مزاحمت ڪندو. جي ذرو بہ عقل اٿو تہ سنڌين جي اکين ۾ بي انتها ڪاوڙ کي ڏسي وٺو سنڌين جي نعرن ۾ مزاحمت جي گجگوڙ کي سمجهي وٺو.اياز لطيف پليجي چيو تہ آصف زرداري ضياالحق ۽ مشرف کان وڌيڪ طاقتور ناهي. سنڌ جو عوام ڪنهن بہ صورت ۾ ڪئنال ٺاهڻ ڪون ڏيندا. سنڌو درياهہ لاءِ اهڙي جنگ ٿيندي جيڪا صدين تائين ياد رهندي. ڪئنال منصوبا ملڪ دشمن آهن. پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ کي مسلط ڪندڙ طاقتن سمجهيو تہ سنڌ جا ماڻهو خاموش رهندا پر ائين نہ ٿيندو. اياز لطيف پليجي چيو تہ پاڻي زندگي آهي. سنڌو درياهہ کي ڀڙپانگ ۽ بنجر بنائڻ واري سازش برداشت نہ ڪئي ويندي. پاڻي لاءِ جدوجهد زندگي ۽ بقا جي جدوجهد آهي آصف علي زرداري، پيپلزپارٽيءَ پنجاب سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي سنڌ کي رڻ پٽ ۽ بيابان ۾ تبديل ڪرڻ ۽ سنڌ جي عوام کي پاڻي لاءِ تڙپائي مارڻ چاهين ٿا وفاقي حڪومت ۽ ڪرپٽ سنڌ جا حڪمران سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙا هڻائڻ ۾ سهولتڪار آهن. ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻي نہ ڇڏڻ ڪري سمنڊ ٺٽو سجاول ۽ بدين جي لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. ساحلي پٽي وارا ضلعا ٺٽو، سجاول ۽ بدين وڌيڪ ڀڙپانگ ٿي ويا آهن ساحلي پٽي جا هزارين ماڻهو دربدر واري زندگي گذاري رهيا آهن خوشحال ماڻهو بدحال ٿي ويا. پيپلزپارٽي جا چونڊيل نمائندا ۽ سنڌ حڪومت خاموش آهي ۽ پنجاب سان گڏجي سنڌ جو پاڻي چوري ڪرائي رهي آهي. درياهہ قتل ٿيڻ سان ڪروڙين زندگيون تهذيبون موت جو گرهہ بنجي وڃن ٿيون.اياز لطيف پليجي چيو تہ سنڌ جي پاڻي، زمينن، ٻيٽن ۽ وسيلن تي قبضا برداشت نہ ڪنداسين. سنڌو درياهہ تي نوان ڪئنالن جو منصوبو رد ڪريون ٿا.چولستان سميت 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ جو پاڻي بند ٿي ويندو. جنهن سان سنڌ تباهہ ۽ برباد ٿي ويندي پيپلزپارٽي هٿ وٺي سنڌ جي عوام کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ چاهي ٿي.اياز لطيف پليجي چيو تہ چيو تہ سنڌو درياهہ تي نئين انداز سان لڳنڌڙ ڌاڙي تي سنڌ جو عوام خاموش ڪون ويندو. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌو درياهہ تي 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ جي سنڌ لاءِ ڊيٿ وارنٽ آهي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجو درياهہ بچائڻ لاءِ جدوجهد جي ميدان تي اچن

36 بقايا

خلاف نيشنل هاءِ وي ۽ انڊس هاءِ وي بند ڪرڻ جو اعلان پارٽي جو هنگامي اجلاس هتي ڪراچي ۾ پارٽي سيڪريٽريٽ تي چيئرمين رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ سينئر وائيس چيئرمين عزيزالله پٽو مرڪزي وائيس چيئرمين نواز شاهہ پاڏائي غفار ميرجت ڪمال مهر اياز سولنگي پنهل جمالي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ پنجاب سنڌو درياهہ تي ڇهہ نوان غير قانوني ڪئنال ٺاهڻ واري هوڙ تان لهڻ لاءِ تيار ناهي ان ڪري 4 اپريل تي نيشنل هاءِ وي موورو باءِ پاس ۽ انڊس هاءِ وي نصير آباد وٽ پنجاب ويندڙ رستا ڌرڻا هڻي بند ڪيا ويندا اجلاس کي خطاب ڪندي محاذ سربراهہ رياض علي چانڊيو چيو تہ سنڌ جي ماڻهن جو درياهہ بچائڻ تي اتفاق ۽ ڪئنالن جي خلاف موثر جهدوجهد ۽ سڄي سنڌ کي سراپا احتجاج ڏسي پيپلزپارٽي جيڪا ڪئنال ٺاهڻ واري منصوبي جي خالق آهي جنهن پئسا جاري ڪري ڪئنالن جو ڪم شروع ڪرايو اها ئي شهباز حڪومت جي اتحادي آهي پ پ جر صدقي ئي ن ليگ اقتدار ۾ آهي شهباز شريف آصف زرداري ۽ بلاول جي گڏيل رٿا جو نتيجو ڪئنال جي تعميرات آهي اهي ڪئنال جن سان سنڌ ڀڙپانگ ٿيندي سنڌي ماڻهن جي جيابي جو ذريعو سنڌو درياهہ ڪروڙين انسانن کان کسڻ جي هي پلاننگ آهي ان منصوبي سان سنڌ واسي بک بدحالي ۽ دائمي ذلت جو شڪار ٿيندا تنهن ڪري اسان پيپلزپارٽي جي انهن سنڌ دشمن فيصلن ۽ سندن ڪوڙن ڪئنال مخالف مظاهرن ۽ جڙتو اعلانن جي مذمت ڪريون ٿا ۽ سنڌ جي ماڻهن اها جهدوجهد آهي جو پ پ بوکلاهٽ جو شڪار ٿي وئي آهي پر نہ ڪئنالن جي خاتمي جو نوٽيفڪيشن ٿا ڪڍرائين نہ شهباز حڪومت جي اتحاد کان ڌار ٿا ٿين صرف ناٽڪ ڪرڻ لاءِ مظاهرا پيا ڪن اسان سنڌ جي ماڻهن جي تاريخي جهدوجهد کي سلام پيش ڪندي 4 اپريل تي احتجاجي ڌرڻن جو سڏ ڏيون ٿا پنجاب ويندڙ ٻئي شاهراهون بند ڪنداسين تہ هي ڪوڙي ۽ ڍونگي سرڪار سنڌ دشمن حڪمران وائکا ٿي چڪا آهن سنڌ جا ماڻهو جيڪي رمضان شريف جو پلارو مهينو عبادتن نمازن ۽ پاڪ ڪتاب جي ورد سان گڏ وطن جي درياهہ بچائڻ لاءِ روڊن تي رهيا آهن ڪين هڪ دفعو ٻيهر پنجاب جي ڌاڙي خلاف جيئي سنڌ محاذ جي 4 اپريل وارن ڌرڻن ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل ڪريون ٿا ان ڏينهن سڀ سنڌ واسي ٻاهر اچن ۽ حڪمرانن تي واضح ڪن تہ اسان کي ڪو بہ ظلم هاڻ قبول ناهي درياهہ اسان جي زندگي آهي ان ڏينهن هنن جعلي حڪمرانن کان پڇائو ڪريون تہ هڪ طرف درياهہ تي ڪئنالن جي خلاف هجڻ جو ڍونگ پيا ڪريو ٻي طرف ڪئنالن جي خلاف آواز بلند ڪندڙ سنڌ جي پرامن شهرين ۽ قومي ڪارڪنن تي ايف آءِ آرون بہ داخل پيا ڪريو سنڌ توهان کي سڃاڻي چڪي آهي

37 بقايا

روڪي ڇڏي ۽ نيٽ ميٽرنگ پاليسي تي نظرثاني جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي وزيرن سولر استعمال ڪندڙ صارفين تي اضافي ٽيڪس لڳائڻ جي مخالفت ڪري ڇڏي. انهن توانائي واري وزير کي نيٽرڪ ميٽرنگ پاليسي تي نظر ثاني جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ياد رهي تہ نئين نيٽ ميٽرنگ پاليسي جي تحت صارفين کان صرف 10 روپيہ في يونٽ بجلي جي خريداري ۽ ٽيڪس جون شقون شامل هيون.

38 بقايا

صوفي سچل سائين جي درگاهہ درازہ شريف ۾ ٿي گذريو پاڻي، ڪئنال ۽ سائين جي ايم سيد بابت ليڪچر ڏنو ويو. سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ سان مسلسل پنجاب جي ڌاڙ ۽ چوريءَ بند ڪئي وڃي. اها سراسر سنڌ سان زيادتي آهي: پاڻي جو ماهر ۽ ڏاهو ڪامريڊ حسين بخش ٿيبو سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سائين جي ايم سيد جي ڏنل ڏس پنڌ تي هلڻ سان ئي مسئلا حل ٿيندا. شروع کان وٺي سنڌ ۽ سنڌي قوم سان زيادتي ڪئي وئي آهي، اها پاڻي جي هجي، ورڳائي جي هجي هر موڙ تي سنڌين کي پوئتي رکيو ويو آهي: سينئير قوم پرست سرفراز ميمڻ جون ليڪچر پروگرام ۾ ڳالهيون، 10 اپريل تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو ڪئنالن جي مسئلي تي 10 ڏينهن واري بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي ويندي، 20 تاريخ تي تاريخي احتجاج رڪارڊ ڪرائبو: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، رپورٽ موجب: سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ سچل سرمست رح جي احاطي ۾ قائم محفل سماع حال درازہ شريف ۾ جسقم شهيد بشير خان مرڪز طرفان ٽيون قومي ڪٺ ڪانفرنس ٿي گذريو جنهن ۾ پاڻي، ڪئنال ۽ سائين جي ايم سيد بابت ليڪچر ڏنو ويو.جنهن جي صدارت جسقم شهيد بشير خان جي مرڪزي چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، ڊپٽي آرگنائيزر سائين سرفراز ميمڻ، مرڪزي آرگنائيزر فقير امداد منگي، پنهل ساريو، اڪبر مڪول، جساف سنڌ جي چيف آرگنائيزر حنان عباسي ڪئي. پروگرام ۾ فڪري ويهڪ سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ سان مسلسل پنجاب جي ڌاڙ ۽ چوريءَ تي پاڻي ماهر ۽ ڏاهو ڪامريڊ حسين بخش ٿيبوليڪچر ڏنو جنهن ۾ هن چيو تہ پنجاب ورڳائي کان وٺي سنڌ جو پاڻي چوري ڪيو آهي. ۽ ڪندو اچي پيو. جنهن سان سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ پيدا ٿي رهي آهي. ۽ اڳئتي هلي اڃان اها کوٽ وڌندي. جنهن سان سنڌ ماڻهن جو معاشي قتل عام ٿيندو،هن چيو تہ پاڻيءَ کوٽ سبب پڇڙيءَ وارا سنڌ جا علائقا تمام گهڻا متاثر ٿي رهيا آهن. سنڌ جي 95 سيڪڙو آباديءَ جو گذر سفر زراعت تي آهي. سڀ کان وڌيڪ زرعي پيداوار سنڌ صوبوڏئي ٿو پر سڀ کان گهٽ پاڻيءَ جو مقدار بہ سنڌ کي ڏنو وڃي ٿو ڪئنال ٺهڻ سان سڀ کان وڌيڪ متاثر سنڌ جي پڇڙي ۽ وچ آباديءَ وارا ٿيندا هينئر ئي اتي پاڻي نہ ٿو پهچي تہ ڪئنال ٺهڻ کان پوءِ ڪٿان ايندو. هن پروگرام کي مفڪري عظيم رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد تي سائين سرفراز ميمڻ ليڪچر ڏيندي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ جي سنڌ کي سمجهڻ آهي تہ سائين جي ايم سيد جي ڏنل سبق ۽ ڏسيل واٽ تي هلندي سنڌ کي سمجهي سگهون ٿا. هن چيو تہ پنجاب سامراج سنڌ کي پنهنجي جاگير سمجهي ان جي حقن کي ڌاڙو هڻندو اچي پيو. سائين جي ايم سيد سنڌ جو مهان ڏاهو ٿي گذريو آهي. سندس جي ڏنل فلسفي کي سمجهڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. هن پنهنجي سموري عمر سنڌ جي عوام ۽ ان جي مسئلن خاطر وقف ڪري ڇڏي، ليڪچر پروگرام جي صدارت ڪندڙ جسقم شهيد بشير خان جي مرڪزي چيف آرگنائيزر محترم ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو تہ پنجاب سامراج هميشہ سنڌ کي وڏو نقصان رسايو آهي. سنڌو درياءُ مٿان 6 ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ جي معشت کي وڏو نقصان رسندو. اسان جي زراعت جي پيداوار ۾ گهٽتائي ايندي. ان کان وڌيڪ نقصان سنڌ جي حڪمران جماعت سنڌ رسايو آهي. جنهن پنهنجي ڪجهہ مفادن خاطر سنڌ ۽ سنڌي عوام ۽ قوم جو سودو ڪيو آهي. ڪئنالن ۽ پاڻيءَ جي مسئلي تي جسقم پوري سنڌ اندر ڀرپور احتجاج ڪندي، جنهن ۾ 6 اپريل تي لاڙڪاڻي ۾ شهيد بشير خان قريشي جي جدوجهد بابت سيمينار ۽ ٻيتا پيش ڪئي ويندي. ان بعد 10 اپريل تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان 10 ڏينهن جي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي ويندي. 13 اپريل تي سڄي سنڌ جي ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ بک هڙتال ڪئي ويندي. وري 16 اپريل تي سڄي سنڌ ۾ ريلي ۽ مظاهرا ڪيا ويندا ۽ 20 اپريل تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو. جڏهن تہ قومي ڪٺ ۾ جسقم جساف شهيد بشيرخان جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي آخر ۾ سنڌ جي سريلو ڪلاڪار صوفي راڳي سلامت سهراب فقير پنهنجي فن سان محفل مچائي صوفي ۽ قومي ڪلام ڳائي محفل کي چار چنڊ لڳائي داد وصول ڪيو ۽ ٻڌندڙن کي جهومائي ڇڏيو

39 بقايا

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي احمد ۾ ٿي گذريو سيمينار کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد يوسف مجيداڻو چيو تہ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي نوجوانن کي چونڊ عمل ۽ ووٽ جي اهميت بابت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ ضلع جي مختلف تعليمي ادارن ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيا پيا وڃن جنهن جو مقصد نوجوانن کي پنهنجي ووٽ جي اهميت بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي هن شاگردن کي اپيل ڪئي تہ هو پنهنجي علائقي جي عوام ۾ ووٽ جي اهميت ۽ داخلا بابت آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن جو ساٿ ڏين تہ جيئن وڌ کان وڌ ووٽن جي داخلا کي يقيني بڻائي سگهجي.

40 بقايا

دلبر کوسو، ارسلان سومرو، اخلاق علي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ، ميهڙ - بيٽو روڊ تي ڌرڻو هنيو ، ڌرڻي دوران ٽريفڪ بند ٿي وئي، هوڏانهن شاگرد اتحاد ميهڙ پاران شاگرد اڳواڻ اسد رند، پنهل کوسو ايڊووڪيٽ ، اساما چانڊيو سرفراز کوسو ، ايس يوپي ضلع صدر سڪندر سودر، عوامي پوروهيت تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ رحيم بخش ٻگهيو نصرالله جهتيال، مختيار سنڌي ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ميهڙ باءِ پاس کان گهنٽاگهر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ، ٻئي طرف ميهڙ بار ايسوسئيشن جي سڏ تي وڪيلن ميهڙ بار جي صدر اصغر پتوجو ايڊووڪيٽ، جنرل سيڪريٽري منور جتوئي ايڊووڪيٽ، هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي جوائنٽ سيڪريٽري عابد ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ، امجد ٻلهرو ايڊووڪيٽ، سعيد پنهور ايڊووڪيٽ، نجيب مهيسر ايڊووڪيٽ جي اڳوڻي ۾ ڪورٽ بلڊنگ آڏو ڇهين ڏينهن بہ علامتي بک هڙتال ڪئي ۽ نعريبازي ڪئي، اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي هر ماڻهو جو جيئڻ سنڌو درياهہ سان لاڳاپيل آهي سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌ سڪائڻ ۽ سنڌي ماڻهن کي مارڻ برابر آهي سنڌ جو ڪو بہ ماڻهو پنهنجي درياهہ تي ڌاڙو برداشت نہ ڪندو، سنڌو درياهہ مان ڪئنال ڪڍڻ وارو عمل غير آئيني ۽ غير قانوني آهي ان ڪري وفاق وزيراعظم پاران لکت ۾ رد ڪرڻ جو آرڊر جاري ڪرڻ تائين احتجاج ڪيو ويندو هن چيو تہ سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي جي کوٽ آهي ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي، هنن گهر ڪئي تہ سنڌو درياهہ مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڪارپوريٽ فارمنگ نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ بند ڪيون وڃن.

41 بقايا

سيڪريٽري انفارميشن ٽيڪنالاجي نور احمد سمون، سيڪريٽري سوشل پروٽيڪشن، ڊي جي نادرا سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران چيف سيڪريٽري سنڌ ٻارن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن کي ويڪسين، تعليم ۽ صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پيدائش جي رجسٽريشن جي اهميت کي اجاگر ڪيو هن اعلان ڪيو تہ صوبائي حڪومت سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ترميم ڪندي تہ جيئن پيدائش جي رجسٽريشن لازمي بڻائي سگهجي. هن چيو تہ هي قدم 100 سيڪڙو رجسٽريشن جي هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو. چيف سيڪريٽري وڌيڪ چيو تہ صوبائي حڪومت اڳ ئي سنڌ جي هر علائقي ۾ پيدائش جي رجسٽريشن کي مفت ڪري چڪي آهي، تہ جيئن مالي رنڊڪن کي ختم ڪري سگهجي ۽ هي سهولت خاص طور تي پوئتي پيل طبقن تائين پهچائي سگهجي. هن فعال قدمن سان رجسٽريشن جي عمل ۾ تيزي ايندي، خاص طور تي انهن ڳوٺاڻن ۽ پري پري وارن علائقن ۾، جتي ماضيءَ ۾ رجسٽريشن جي شرح گهٽ رهي آهي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ چيو تہ ٻارن جي حقن جو تحفظ، انهن جي خوشحالي ۽ محفوظ ٻالڪپڻ هر ٻار جو بنيادي حق آهي، ۽ هي حق ان وقت تائين قانوني حيثيت نٿو ماڻي، جيستائين انهن جي پيدائش جي رجسٽريشن نہ ٿئي. اجلاس دوران ٻڌايو ويو تہ پيدائش، شادي، طلاق ۽ وفات جي رجسٽريشن جي ذميواري سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013 تحت مڪاني حڪومت جي آئيني ذميواري آهي. چيف سيڪريٽري چيو تہ مڪاني ادارن ۽ نادرا وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي، تہ جيئن پيدائش جي رجسٽريشن لاءِ مڪمل ڊيجيٽل ڊيٽا انٽري نظام لاڳو ڪري سگهجي. هي ڊيجيٽل نظام نہ صرف درستگي کي يقيني بڻائيندو، پر عمل کي تيز بہ ڪندو، ۽ سيني رڪارڊن کي وقت سر اپڊيٽ ڪيو ويندو. چيف سيڪريٽري سنڌ اعلان ڪيو تہ پيدائش جي رجسٽريشن لاءِ سرڪاري ۽ نجي اسپتالن، ليڊي هيلٿ ورڪرن ۽ ٻين لاڳاپيل ذريعن مان ڊيٽا گڏ ڪيو ويندو، تہ جيئن سنڌ جي هر علائقي ۾ ٻارن جي پيدائش جو مڪمل رڪارڊ يقيني بڻائي سگهجي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ وڌيڪ چيو تہ پيدائش جي رجسٽريشن بابت عوامي آگاهي لاءِ هڪ جامع مهم شروع ڪئي ويندي، تہ جيئن خاص طور تي پوئتي پيل علائقن ۾ خاندانن کي هن جي اهميت بابت آگاهہ ڪري سگهجي. هن چيو تہ والدين کي پنهنجي ٻارن جي بروقت رجسٽريشن لاءِ صحت مرڪزن، اسڪولن ۽ مقامي عملدارن سان سهڪار ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ وضاحت ڪئي تہ حڪومت سمجهي ٿي تہ هر ٻار جي رجسٽريشن نہ صرف انهن جي خاندان لاءِ فائديمند هوندي، پر صوبائي منصوبابندي ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ ۾ بہ مدد ڏيندي. پيدائش جي درست انگن اکرن جي ذريعي حڪومت وسيلن جي ورڇ، صحت مهمن ۽ تعليمي ضرورتن بابت بهتر فيصلا ڪري سگهندي. چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهہ اجلاس جي پڇاڙيءَ تي چيو تہ ٻارن جي حقن جي تحفظ، بنيادي سهولتن جي فراهمي، ۽ سنڌ جي ٻارن جي روشن مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ 100 سيڪڙو پيدائش جي رجسٽريشن جو هي منصوبو حڪومت جي اولين ترجيح آهي.

42 بقايا

وٽ پوليس جي چوڪي هجڻ جي باوجود بہ هٿياربندن ڪاهہ ڪري سبزي منڊي جي هندو واپارين مٿان اڌاڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني گوليون لڳڻ سبب هندو واپاري راڪيش ڪمار سخت زخمي جڏهن تہ هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، زخمين کي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو ويو، حد جي پوليس ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ تماشو ڏسندي رهي فائرنگ جي دوران سبزي منڊي ۾ آيل واپارين ۾ ڀاڄ پئجي وئي سبزي منڊيءَ جي واپارين جو انڊس هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو ڪري انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪري ڇڏيو ٽريفڪ معطل گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، راڪيش ڪمار چيو تہ ڌاڙيلن مونکان 20 لک ڀتي جي گهر ڪئي جنهن جي مٿان 6 ڏينهن اڳ دهشتگردي جي ايف آر داخل ڪرائي ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ کي خبر هجڻ جي باوجود جوابدار کي گرفتار نہ ڪيو پتو نہ ڏيڻ تي ڏوهارين پاران سبزي منڊي جي هندو واپاري راڪيش ڪمار کي سبزي منڊي ٻاهران گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏي . اڳ ۾ مون ڏوهارين پتو ڏيڻ لاءِ اڳ ۾ ڌمڪيون ڏيندا رهيا 20 لک روپيا پتو ڏي هاڻ جڏهن آءُ سبزي منڊي وڃي رهيو هيس تہ منڊي ٻاهران گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي پوليس سامهون بيٺي آهي رڳو تماشو پئي ڏسي، ان موقعي تي مظاهرين چيو تہ ضلعي ۾ ڏوهارين جي حڪمراني قائم صبح جو سوير ڏوهاري سرعام پوليس جي چوڪي ڪراس ڪري سبزي منڊي ۾ ڪاهہ ڪري جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي آهي، گوليون لڳڻ جي نتيجي ۾ بہ ڄڻا زخمي ٿيا آهن، پوليس پڪٽ تي پوليس اهلڪارن ڏوهارين سان مهاڏو نہ اٽڪايو ايس ايس پي ڪشمور کان مطالبو ٿا ڪريون واقعي جو نوٽيس وٺي پوليس اهلڪارن مٿان ڪاروائي ڪئي وڃي،، ايس ايڇ او محمد صادق عباسي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري احتجاجي ڌرڻو ختم ڪرائي ٽريفڪ جي روانگي بحال ڪرائي ڇڏي

43 بقايا

مدد جو الزام هڻي سندس ويجهن رت جي رشتن چاچن مامن سوٽن ڏيرن جن ۾ حامد مناهجو راجا مناهجو شير مناهجو معين مناهجو زاهد مناهجو غلام شبير مناهجو انور مناهجو خادم مناهجو سميت ڏهہ جوابدارن ڪيس سخت مارڪٽ ڪري سندس مٿي جا وار ڪوڙي سخت تذليل جو نشانو بڻائي ڪيس ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن جي اطلاع تي نيوسعيدآباد پوليس پهچي ڪيس ڪمري مان بازياب ڪرائي ٿاڻي تي آندو جتي ميڊيڪل ليٽر ڏيئي ڪيس تعلقا اسپتال آندو ويو جتي سندس ميڊيڪل ليڊي ڊاڪٽريائين ڪيو متاثر عورت حسنا زال اسحاق مناهجو جو چوڻ آهي تہ ڪجهہ ڏينهن پهرئين اسان جي ويجهي مائٽياڻي فاطما ڌيءِ زاهد مناهجو گهران فرار ٿي پسند جو پرڻو ڪيو هو ظالم جوابدارن ان کي فرار ٿيڻ ۾ مدد ڪرڻ جو الزام هڻي مون سان ناحق ڪيو آهي مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ جوابدارن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ايس ايڇ او شاهہ الزمان چانڊيو جو چوڻ هو تہ اطلاع تي عورت کي وٺي ميڊيڪل لاءِ ليٽر جاري ڪيو آهي وڌيڪ سندس وارث يا پاڻ اينديا تہ ڪيس داخل ڪري جانچ ۽ ڪارروائي ڪئي ويندي بعد ۾ پوليس ڳوٺ غلام محمد مناهجو ۾ مختلف جاين تي ڇاپا هڻي واقعي ۾ ملوث پنجن جوابدارن حامد مناهجو معين مناهجو خادم مناهجو ۽ گلشير مناهجو کي گرفتار ڪري ورتو آهي، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي، هوڏانهن نيوسعيدآباد ويجهو ڳوٺ غلام محمد مناهجا ۾ انسانيت کي لڄائيندڙ واقعو 42 سالا مسمات حسنا زال محمد اسحاق انڙ کي سخت مارڪٽ ڪري سندس مٿي جا وار ڪتري ڪيس تذليل جو نشانو بڻائڻ واري واقعي جو ڪيس سندس ڀاءُ رحيم بخش پٽ نور محمد انڙ جي فرياد تي انڙ برادريءَ جي سندس ڏهہ ويجهن مائٽن تي داخل، ڪيس داخل ٿيندڙن ۾ عبدالحميد پٽ محمد، خادم پٽ محمد بخش، زاهد پٽ عبدالحميد، اظهر الدين پٽ غلام حيدر، غلام شبير پٽ محمود، محمد بخش پٽ اسماعيل، انور پٽ گلشير، گلشير پٽ اسماعيل، غلام نبي پٽ دين محمد ۽ معين پٽ زاهد شامل، پوليس مختلف جاين تي ڇاپا هڻي پنج جوابدارن ڄاڻايل حامد انڙ معين انڙ خادم انڙ ۽ گلشير انڙ کي گرفتار ڪري ورتو آهي، ڪيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مذڪورا جوابدار سان اسان جو گهريلو تڪرار هلندڙ هو انهن بندوقون کهاڙيون ۽ لٺيون کڻي اسان جي گهرن ۾ داخل ٿيا ۽ منهنجي ڀيڻ حسنا کي مارڪٽ ڪري سندس مٿي جا وار ڪتري ڪيس تذليل جو نشانو بڻائي اسان کي ڪمري ۾ قيد ڪري ڇڏيو جنهن بعد پوليس جي اچڻ تي اسپتال پهچي ابتدائي طبي امداد بعد ڪيس لمس حيدرآباد ۾ داخل ڪرائي ڪيس داخل ڪرايو آهي، متاثر عورت حسنا زال اسحاق مناهجو جو چوڻ هو تہ ڪجهہ ڏينهن پهرئين اسان جي ويجهي مائٽياڻي فاطما ڌيءِ زاهد مناهجو گهران فرار ٿي پسند جو پرڻو ڪيو هو ظالم جوابدارن ان کي فرار ٿيڻ ۾ مدد ڪرڻ جو الزام هڻي مون سان ناحق ڪيو آهي مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ جوابدارن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ايس ايڇ او شاهہ الزمان چانڊيو جو چوڻ هو تہ اطلاع تي عورت کي بازياب ڪرائي سندس ميڊيڪل ڪرايو آهي ۽ ڪيس داخل ڪري پنج جوابدار گرفتار ڪيا آهن باقين کي بہ گرفتار ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ جانچ ڪئي ويندي.

44 بقايا

ايڇ اوز جون مقرريون بدليون ڪري ڇڏيون پنوعاقل سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عمران پيو کي هٽائي ساڳئي مقرر ڪري امام الدين چانڊيو کي پنوعاقل سٽي مقرر ڪري ڇڏيو بائيجي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبيد ڏاريجو کي هٽائي علي بخش شر کي مقرر ڪيو ويو ايس ايڇ او ڪينٽ امداد شر کي هٽائي ذوالفقار پنيرو کي مقرر ڪيو ويو طرائو خان مهر کي ايس ايڇ او سڌوجا گل حسن سومرو کي ايس ايڇ او رضا ڳوٺ ۽ احمد علي شر کي ايس ايڇ او گڏيور، ثناءالله کوهارو کي ايس ايڇ او ڏٻر، جهانگير مهر کي ايس ايڇ او روهڙي، قمر جاويد ڪياڻي کي سي سيڪشن، نذير حسين منگي کي ايس ايڇ او ڪنڌري، امداد علي شر کي ايس ايڇ او ايئرپورٽ، ۽ نويد نواز شيخ کي ايس ايڇ او تماچاڻي مقرر ڪري ڇڏيو

خانواهڻ ۾ دڪان مان 10 لکن جا موبائيل فون چوري، شهر ۾ شٽر بند هڙتال، ريلي ڌرڻو

شاهي بازار ۾ نامعلوم چور ميمڻ ڪميونيڪيشن جي دوڪان جي ڇت ٽوڙي قيمتي سامان چورائي ويا

واقعي خلاف مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي سڏ تي شهر ۾ شٽر بند هڙتال، ريلي ڪڍي وئي

ڊي ايس پي ڪنڊيارو مجيد آرائين مظاهرين سان ڳالهيون ڪري سامان واپس ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

خانواهڻ (رپورٽ وقار لوڇي) خانواهڻ شهر جي شاهي بازار ۾ نامعلوم چور ميمڻ ڪميونيڪيشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

ڏهرڪي: حادثي ۾ فوت ٿيل جام شرجيل عرف ابرار احمد جي حياتي جي تصوير

خانواهڻ: دڪان مان چوري خلاف شهري احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

شهدادپور ۾ سنگهر مائنر جا آبادگار پاڻي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل

شاخ جو پاڻي ايريگيشن عملو پئسن عيوض وڪرو ڪري رهيو آهي، فصل سڪن پيا: آبادگار

ايريگيشن عملدار پاڻي جي هترادو کوٽ پيدا ڪري پاڻي ڏيڻ لاءِ ڳري رشوت گهري رهيا آهن

اعليٰ اختياريون پاڻمرادو نوٽيس وٺي جلد مسئلو حل نه ڪيو ته احتجاج کي وسيع ڪيو ويندو: چتاءُ

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان ٻاگراڻي) شهدادپور سنگهر مائنر جا آبادگار پاڻي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل پاڻي نه ملڻ سبب فصلن کي نقصان ايريگيشن کاتي جا ڪرپٽ عملدارن ڏوڪڙ نه ملڻ تي چاپ ۽ متي ڏئي پاڻي روڪي ڇڏيو پاڻي فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ جو چتاءُ شهدادپور جي سنگهر شاخ ۾ 20 ڏينهن کانپوءِ پاڻي/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

شهدادپور: سنگهر مائينر کي ڳنڍو ڏئي پاڻي ڪنيو پيو وڃي

گڏاپ جي لاسي ڳوٺ ۾ نوجوان جي مبينا خودڪشي، پوليس پاران جاچ شروع

35 ورهين جي راجيش ڪمار پٽ وسند مينگهواڙ مبينا خودڪشي ڪئي

نوجوان جو مڙهه ضروري ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

گڏاپ (رپورٽر) _ سهراب ڳوٺ ٿاڻي جي حد، لاسي ڳوٺ جي مين بازار ۾ 35 ورهين جي راجيش ڪمار پٽ وسند /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

ميهڙ ۾ دڪاندار جو قتل ڪيس 6 ڄڻن تي داخل، پوليس ڇاپا

بخت جتوئي جو قتل ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو

پوليس پاران جوابدار جا گهر ڍاهڻ جي ڪوشش، ڌرين ۾ ڇڪتاڻ

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ ٻاءِ پاس تي گيراج مالڪن فهيم جتوئي ۽ شمن ڪمانگر جي ڌرين ۾ 3 ڏينهن اڳ ڏيتي ليتي تان ڇڪتاڻ ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

دادو ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ جي کليل ڪچهري، ملازمن جون شڪايتون

گهرواري تعليم کاتي ۾ جونيئر ڪلارڪ آهي ان جي بنا جواز پگهار بند ڪئي وئي آهي: الاهي بخش ابڙو

مڙس پوليس کاتي ۾ ملازم هو، 20 سال اڳ فوت ٿيو، ڊيٽا شيٽ ۾ مڙس جي نالي جي جائي تي منهنجو نالو لکيل آهي

ڪنهن کي ڪا پرواهه ناهي متاثر ماڻهو آفيسن جا چڪر ڪاٽي خوار ٿي واپس هليا وڃن ٿا، ماڻهن جا مسئلا حل ڪريو: امداد علي شاهه جي عملدارن کي

دادو (د ر) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب امداد علي شاهه پاران دادو جي خزانه آفيس ۾ کليل ڪچهري ڪوٺائي وئي، جتي حاضر سروس ۽ رٽائر پيرسن /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

قاضي احمد: صحت کاتي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

درياهه تي ڪنهن کي به ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين: جنيد احمد خان مگريو

سنڌ جو هر ننڍو وڏو سجاڳ ٿي چڪو آهي، پنجاب کي سوچڻو پوندو: اديب ۽ شاعر

سنڌ ۾ اڳ پاڻي جي کوٽ آهي، ڪئنال ڪڍڻ هر گز نه ڏينداسين: ڳالهيون

شڪارپور (مير امتياز علي مري) سنڌوءَ مٿان غير قانوني ڪئنال نامنظور شڪارپور جي مشهور زميندار گهراڻي سان تعلق رکندڙ شاعر اديب جنيد احمد/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

ڌهر برادري جي چيف سردار جو پائيٽو روڊ حادثي ۾ فوت

صادق آباد پرسان قومي شاهراهه تي ڪار ۽ ڊمپر ۾ ٽڪر ٿيو

جام شرجيل عرف جام ابرار احمد خان ڌهر جو مڙهه اوباوڙو آندو ويو

ڏهرڪي(وچي ڪمارڇاولا)اوباوڙو ڊمپر ۽ ڪار ۾ ٽڪر جام ابرار احمد خان ڌهر موقعي تي فوت خبر موجب پنجاب جي علائقي صادق آباد ويجهو /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

فريد آباد ۾ خاصخيلي برادري عورتن جو پاڪ ڪتاب کڻي بااثر خلاف احتجاج

بااثر امداد خاصخيلي کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿو: حليمان/ امام زادي

بااثر مان اسان کي خطرو آهي، تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: سلمان ۽ ٻين جو مطالبو

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) فريدآباد ۾ بااثر محبوب سهاڳ جي ظلم کان بچايو. ڳوٺ الهڏنو ٽيوٽو واسي عورتن حليمان خاصخيلي/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

فريد آباد: خاصخيلي برادري جون عورتون بااثر خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

مٽياري ۾ ڪرڪيٽ مئچ دوران رانديگرن پاران ڪئنالن خلاف احتجاج

رانديگرن ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو

ميمڻ ڪالوني اليون مخالف ٽيم کي شڪست ڏئي فائينل پنهنجي نالي ڪري ورتو

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) مٽياري جي هاشمي ڪرڪيٽ گرائونڊ تي جاري ٽورنامينٽ ۾ رانديگرن پاران سنڌو سان محبت جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ڪنڌڪوٽ ۾ ماستري ٽيسٽ پاس اميدوارن جو آفر آرڊرن لاءِ احتجاج

جاويد پيو جي اڳواڻي ۾ اميدوار ڊي اي او سيڪنڊري ۽ ڊي او پرائمري آفيس پهچي ويا

تعليم کاتي جا عملدار اسان جي حقن تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي: اميدوار

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) تنگواڻي ۾ آءِ بي اي پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نه ڪرڻ خلاف اڄ/ڏسو صفحو 2 بقايا 24

اسٽيٽ بئنڪ پاران اعلانيل نوان نوٽ عوام کي نه مليا

بئنڪ جا چڪر پيا ڪاٽيون پر نوان نوٽ نه پيا ملن: لاڙڪاڻي واسي

بئنڪن هن وقت تائين هڪ به نئون نوٽ نه ڏيکاريو آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ عيد جي موقعي تي اسٽيٽ بئنڪ پاران اعلانيل نوان نوٽ نئين ڪرنسي عوام ۽ بئنڪ صارفين کي نه ملي سگهي/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

قاضي احمد ۾ ينگ پيراميڊيڪل اسٽاف جو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

ضلعي اڳواڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

ڊاڪٽر لمس آفتاب ڦل کي هٽائي داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن: مطالبو

قاضي احمد(غلام حسين راهو) قاضي احمد تعلقا اسپتال قاضي احمد ۾ ينگ پيراميڊيڪل اسٽاف پاران حيدرآباد جي ضلعي اڳواڻن/ڏسو صفحو 2 بقايا 22

هالاڻي ۾ صحافي اتحاد جي سڏ تي ڪئنالن خلاف ريلي

سنڌو مان ڪئنال نڪتا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي: عبدالحڪيم گهانگهرو

زمينن تي والارءِ ڪئنالن جا منصوبا ختم ڪري پريشاني مان جند آجي ڪرائي وڃي:مطالبو

هالاڻي (اقبال گاڏهي) سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف صحافي اتحاد نوشهرو فيروز ۽ سيد عاقل شاهه يادگار ڪاميٽي پاران ريلي ڪڍي/ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڳوٺ يوسف عارفاڻي تي انتظاميه ۽ اينٽي انڪروچمينٽ جي چڙهائي، ڪيترائي گهر ڊاهي پَٽ، احتجاج

اي سي ابراهيم حيدري جي اڳواڻي ۾ اينٽي انڪروچمينٽ پوليس جي وڏن اٽالن ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي

بلڊوزرسان ڪيترائي گهر ڊاهي پٽ، ڳوٺاڻن جي دانهن باوجود انتظاميا ڪي ڪنهن به قسم جو رحم آيو

پلاري مهيني ۾ بي گهر ڪيو ويو، عيد ويجهو آهي اسان ٻچن سميت کليل آسمان هيٺ ويٺا آهيون: متاثرين

ملير (د ر) ملير جي قديمي ڳوٺ يوسف عارفاڻي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ابراهيم حيدري جي سربراهي ۾ اينٽي انڪروچمينٽ پوليس جي وڏن اٽالن سان گڏ قديمي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري بلڊوزر جي مدد سان ڪيترائي گهر ڊاهي/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ملير: ڳوٺ يوسف عارفاڻي ۾ گهرن کي ڊاٿو پيو وڃي، ٻي پاسي ڳوٺاڻا انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ماتلي ۽ ڀرپاسي ڪڻڪ جو فصل لهي ويو، خريداري مرڪز نه کليا، آبادگارن جو احتجاج

ڪڻڪ لهندي ئي منافعي خورن واپارين خريداري سينٽر بند هجڻ ڪري اگهه گهٽ ڪري ڇڏيو

آبادگار عطا محمد لاشاري، ڊاڪٽر مير محمد نظاماڻي جو سٽي پريس ڪلب اڳيان احتجاج، نعريبازي

هنگامي بنيادن تي ڪڻڪ خريداري مرڪز کولي آبادگارن کي معاشي تباهي کان بچايو وڃي: آبادگار

ماتلي (ن پاڪ) ماتلي سنڌ ۾ ڪڻڪ جو فصل لهي چڪو آهي، ۽ ماتلي سميت ٻين علائقن ۾ ڪڻڪ مارڪيٽ ۾ وڏي مقدار ۾ پهچي چڪي آهي، پر افسوس جو سنڌ سرڪار اجا تائين خريداري مرڪز نه کوليا آهن ۽ نه ئي ڪو /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

سکر ويجهو جهوپڙين کي باهه وڪوڙي وئي، اڪ ڇنڀ ۾ 70 جهوپڙيون سڙي خاڪ

آغا قادر داد مارڪيٽ جهوپڙين ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، باهه ڏسندي ئي ڏسندي ستر کان مٿي جهوپڙين کي رک بڻائي ڇڏيو

ڪيترن ئي ڪلاڪن جي جاکوڙ کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ويو، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل

ضلعي انتظاميه پاران باهه متاثرن جي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي، مختيارڪار کي نقصان جو ڪاٿو لڳائڻ جو چيو آهي: ڊي سي

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) آغا قادر داد مارڪيٽ ويجهو /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

مورو ۾ سماجي تنظيمن پاران مسڪينن ۾ عيد جو راشن ۽ ڪپڙا تقسيم

مورو رپورٽ (طالب موراڻي) مورو ۾ حاجي پليڏنو ميمڻ موراڻي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ۽ سهارو /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

سيوهڻ ۾ ذخيرو ڪيل کنڊ جون 15 سئو بوريون هٿ،2 دڪان سيل

اي سي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ پوڻ ۽ وڃي ڪمارجي دڪان تي ڇاپو هنيو

کنڊ ذخيرو ڪندڙ واپارين کي بخش نه ڪيو ويندو: اسسٽنٽ ڪمشنر

سيوهڻ (ن پاڪ) سيوهڻ ۾ قانون نافذ ڪندڙ اداري ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ جي کنڊ جو ذخيرو ڪندڙ واپارين خلاف گڏيل ڪارروائي، 2 دڪان /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

جام نوازعلي ۽ ٻيرائي ۾ عطائي ڊاڪٽرن سيل ٿيل ڪلينڪون کولي ڇڏيون، غريب عوام ڦرڻ لڳو

هيلٿ ڪيئر ڪميشن عملدارن ڪارروائي ڪري عطائي ڊاڪٽرن جي ڪلينڪن کي سيل ڪري ڇڏيو هو

عطائي ڊاڪٽر عوام کي ڦرڻ لاءِ ٻيهر ڪلينڪن ۾ ويهي رهيا، عوام جون قيمتي زندگيون داءُ تي لڳي ويون

عطائي ڊاڪٽر ڪيترا بااثر ڇو نه هجن ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: تعلقي هيلٿ آفيسر

جام نوازعلي (سليم لسڪاڻي) جام نوازعلي ۽ ٻيرائي ۾ عطائي ڊاڪٽرن هيلٿ ڪيئر ڪمشن پاران سيل ڪيل اسپتالن جا سيل ٽوڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

هالاڻي: صحافي اتحاد پاران تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ٻن نينگرين سان مبينا زيادتي، وڊيو رڪارڊ ڪرڻ جو انڪشاف

عليشا ۽ علينا يوسفزئي جي مامي ذاڪر علي يوسفزئي ڪوٽڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو

جوابدار سلطان پٺاڻ خلاف نينگرين سان زيادتي ڪري وڊيو رڪارڊ ڪئي آهي: فريادي جو موقف

ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جاچ ڪري جوابدار کي جلد گرفتار ڪيو ويندو: حد جي پوليس جو موقف

ڪوٽڙي (رپورٽ عبدالخالق چانڊيو) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ٻن نينگرين سان مبينا زيادتي ڪري وڊيو رڪارڊ ڪرڻ جو انڪشاف، جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪوٽڙي سائيٽ جي خورشيد /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

نصيرآباد: پ پ تعلقي جو ذوالفقار ڀٽو جي ورسي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪراچي جي سچل ڳوٺ ۾ مگسي برادري جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

پوليس حملو ڪندڙ افغاني پٺاڻن کي گرفتار نه پئي ڪري: عبدالسلام مگسي

سچل ٿاڻي تي ڪيس داخل آهي، پوليس تحرڪ نه پئي وٺي، اختياريو نوٽيس وٺن: مطالبو

ڪراچي اوير (آزاد نوناري) ڪراچي سچل ڳوٺ ۾ ٽي ڏينهن اڳ معمولي جهيڙي ٿيڻ بعد افغاني پٺاڻن جي حملي فائرنگ ۾ مگسي ڌر جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي 46هين شهادت ملهائڻ بابت پ پ تعلقي جي گڏجاڻي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام خاطر جان ڏني: منظور قادر

جيالا ڳڙهي خدا بخش ڀٽو پهچي شهيد قائدين کي سلام پيش ڪندا: خطاب

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي جي 46هين يوم شهادت نهايت عقيدت و احترام سان ملهائڻ جي سلسلي ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ڪنڊيارو جي مسجدن ۾ تراويح ختم القرآن تقريبن جو سلسلو هلندڙ

رمضان المبارڪ رحمتن ۽ گناهن کان بخشش جو مهينو آهي: مولانا عبدالعليم

شهر جي مختلف مسجدن ۾ تراويح ختم القرآن جون تقريبون ٿيون، خاص دعائون

ڪنڊيارو (آزاد گوپانگ) ڪنڊيارو جي مسجدن ۾ تراويح ختم القرآن تقريبن جو سلسلو هلندڙ مختلف مسجدن ۾ تقريبون منعقد ڪنڊيارو/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

ڪنڊيارو: تراويح ختم القرآن کي علماء ڪرام خطاب ڪندي

سکر ۾ چاچڙ ۽ لاشاري برادري پاران هڪ ٻئي مٿان مبينه اغوائن جا الزام

چاچڙ برادري پنهنجي ماڻهو کي لڪائي اغوا جو ڪوڙو الزام هنيو آهي: گل محمد لاشاري

مامري جي جاچ ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ چاچڙ ۽ لاشاري برادري پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

لاڙڪاڻو عدالت سول جج حملي ڪيس ۾ جوابدار کي چار سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ٽين سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ خالق داد جلباڻي جي عدالت طرفان 5/ڏسو صفحو2 بقايا 11

سانگي شاخ ۽ ڏينگو شاخ مان واري اڏامڻ لڳي، آبادگارن جا مٿي تي هٿ

شاخن ۾ پاڻي نه اچڻ ڪري ڪمند، ڪڻڪ، ڪيلا، سبزين توڙي مال جي چاري جا گاهه به سڙڻ لڳا

فصلن لاءِ ته ڇهيو پر پکين توڙي جانورن جي پيئڻ جو پاڻي نه هئڻ ڪري مالوندن لاءِ به پاڻي ڏڪ اٿليو

سانگي ۽ ڏينگو شاخ ۾ پاڻي ڇوڙ ڪري پريشاني مان جند آجي ڪرائي وڃي: آبادگارن جو مطالبو

پرياستي (ن پاڪ) پريارود پرسان روهڙي ڪينال مان /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

شاخن ۾ پاڻي نه اچڻ ڪري فصل سڪي رهيا آهن: آبادگارن جي دانهن

پرياستي: پاڻي نه هئڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل ڪمند /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

”پاڻي ڏيو“ ڏينگو ۽ سانگي شاخ جي آبادگارن جو احتجاج

امتياز چانڊيو جي اڳواڻي ۾ پريا روڊ .پڪا چانگ روڊ تي ڌرڻو هڻي نعريبازي

واپارين کان لکين رپيا قرض کڻي ٻج ۽ ڀاڻ ورتو، پاڻي نه اچڻ ڪري مشڪلاتون وڌي ويون آهن: آبادگار

پرياستي : پريارود ڏينگو ۽ سانگي شاخ جي آبادگارن جو/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

پرياستي: زرعي پاڻي نه هجڻ سبب فصل سڪل نظر اچي رهيا آهن، ٻي پاسي رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

سيوهڻ جي مختلف علائقن ۾ سماجي تنظيم پاران مستحقن ۾ راشن ۽ عيد جا ڪپڙا تقسيم

بوبڪ، آراضي، واهڙ، ڪرمپور، ٽلٽي، جهانگارا، باجارا ۾ مستحقن سامان تقسيم ڪيو ويو

ناٽا فائونڊيشن ۽ شاهه بيبي هيلٿ ڪيئر سينٽر هميشه غريبن جي مدد ڪئي آهي: شهري

سيوهڻ (ن پاڪ) ناٽا فائونڊيشن ۽ شاهه بيبي هيلٿ ڪيئر سينٽر جي سرواڻ محمد رمضان ناٽا جي نگراني ۾ تعلقي سيوهڻ جي ڳوٺن جنهن ۾/ڏسو صفحو 2 بقايا 21

سکر ۾ ڊي اي پي ڊي ملازمن جو احتجاجي مظاهرو

گريڊ هڪ کان گريڊ 16 جي ننڍن ملازمن کي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي:ايم سليم

گريڊ 16 جي سينارٽي لسٽ ۾ سمورن ملازمن کي شامل ڪيو وڃي: مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) آل نان گزيٽيڊ ايمپلائيز ايسوسيئيشن سنڌ (ڊي اي پي ڊي) سکر ريجن جي صدر رئيس احمد ابڙو،نائب صدر محمد سليم /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ملير هالٽ حادثو ڪيس: ڊرائيور ۽ هيلپر جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

پوليس ٽينڪر ڊرائيور رحيم بادشاهه ۽ هيلپر عمر وقاص کي ملير جي عدالت ۾ پيش ڪيو

عدالت پوليس جو موقف ٻڌڻ ڪانپوءِ ٻنهي جوابدارن جو 3 ڏهاڙن جو ريمانڊ منظور ڪيو

ڪراچي(رپورٽر)جوڊيشنل مئجسٽريٽ اوير جي جج اشفاق پنهور جي عدالت آڏو ملير هالٽ ۾ تيز رفتار ٽينڪر جي ٽڪر ۾ زال، مڙس ۽ حادثي/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ميهڙ: شاگرد ۽ شاگرديائون ڪئنالن خلاف احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

ٺٽي پوليس جون ڪارروايون، 5 منشيات فروش گرفتار، گٽڪو هٿ

گهارو، گهوڙا باري ۽ ٻاڇهو پوليس جون الڳ الڳ ڪامياب ڪارروايون

منشيات فروشن تي گٽڪا ايڪٽ، نارڪوٽيڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل

گهوڙاباري(شاهه خالدڏاتاري) ٺٽي جي پوليس پاران ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروايون جاري آهن. ان سلسلي ۾ سي آءِ اي پوليس ٺٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

پورٽ قاسم جي زمين کي صنعتي استعمال هيٺ آندو ويندو: وفاقي وزير

زمينن کي حقيقي سرمائيڪارن کي شفاف طريقي سان وڪرو ڪنداسين

پورٽ قاسم جي زمين جو قانونن جي روشني ۾ ٻيهر جائزو ورتو ويندو: جنيد انوار چودري

ملير (د ر) بحري معاملن واري وفاقي وزير جنيد انوار چودري جي پورٽ قاسم دوري جي دوران صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڊينمارڪ جو /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

گلشن معمار ٽاٽو ڏوهارين جي رحم و ڪرم تي، صحافي کان ڦر

ڏوهارين عبدالعليم ميمڻ کان پريس ڪلب کان گهر ويندي ڦريو

ايس ايس پي ايسٽ نوٽيس وٺي امن قائم ڪرائي: علائقي واسين جو مطالبو

گڏاپ (رپورٽر) گلشن معمار ٽاٽو ڏوهارين لاءِ محفوظ پناهه گاهه بڻجي ويو علائقي ۾ هٿياربند ڦورن سرعام وارداتون ڪري رهيا آهن. جڏهن ته/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

دادو ۾ وڪيل تڪراري ڪئنالن خلاف روڊ تي نڪري آيا

سنڌو ڇهه ڪروڙ عوام جو جيئاپو آهي، پاڻي تي ڌاڙو قبول نه ڪبو:عبدالخالق ڀگهيو

وفاق فيصلو واپس وٺي سنڌو مان ڪينال ڪڍڻ وارو منصوبو ختم ڪيو وڃي:مطالبو

دادو (د ر) سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍڻ خلاف دادو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي وڪيلن عبدالخالق ڀگهيو لعل شاهه، مفيد ناريجو /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

ڪشمور پرسان مال جي پيل تان مزارين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو، ٻيو زخمي

گلڻ پور جي ڳوٺ لالڙو مزار ۾ ٻنهي ڌرين جي ماڻهن هڪ ٻي تي جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

لالي مزاري تڏي تي قتل، هيرا مزاري سخت زخمي، اسپتال منتقل، ٻئي ڌريون مورچا بند

مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو، ڇڪتاڻ وڌڻ جو خدشو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور مزاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ڪنڌڪوٽ ۾ پوليس اهلڪار يرغمال، سرڪاري هٿيار ڦر

ريلوي ڦاٽڪ وٽان هٿياربندن سڌير سومرو کي روڪي ورتو

ڪوچي ڪتن جي مدد سان پيرا کنيا ويا، رستي ۾ گم ٿي ويا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ڏوهارين هٿان پوليس اهلڪار يرغمال تشدد جو نشانو بڻائي سندن کان سرڪاري هٿيار/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

قاضي احمد: ڳوٺاڻو فراڊ ٿيڻ جا تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

قاضي احمد ۾ ڳوٺاڻي سان فراڊ، جوابدار اي ٽي ايم تبديل ڪري هڪ لک ڪيرائي ويا

قاضي احمد (غلام حسين راهو) قاضي احمد جي الائيڊ بينڪ مان پيسا ڪڍائڻ لاءِ آيل قاضي احمد لڳ /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

آل سنڌ پيستي سائيڊ ٺٽو ۽ سجاول پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف ريلي

دولهه درياءَ پل کان سجاول پبلڪ پارڪ تائين وڏي تعداد ۾ ريلي نڪتي

درياهه تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين: عبدالغفار ٻارڻ ۽ ٻين جو خطاب

سجاول (رپورٽر) سنڌو درياءَ مان غيرقانوني 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف آل سنڌ پيستي سائيڊ ٺٽو ۽ سجاول طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ان سلسلي/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

لاڙڪاڻي ۾ آپڪا پاپوليشن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ملازمن محمد شريف عمراڻي جي اڳواڻي ۾ آفيس جي مک دروازي اڳيان احتجاج ڪيو

وڏي عرصي کان وٺي ملازمن کي پنهنجي حقن کان محروم رکيو ويو آهي: محمد شريف عمراڻي

گهوٽڪي مان برطرف ڪيل 18 ملازمن کي نوڪرين تي بحال ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آپڪا پاپوليشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

سانگهڙ پوليس جون ڪارروايون، 7 ڏوهاري گرفتار

گرفتار ٿيلن ۾ هڪ روپوش ۽ ڇهه منشيات فروش شامل

جوابدارن جي قبضي مان منشيات ۽ ٽي ٽي پسٽل مليو

سانگهڙ (رپورٽ آفتاب مري) کپرو پوليس، پوليس مقابلي/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

سانگهڙ: پوليس پاران ڪارروائين دوران گرفتار ڪيل ڏوهاري

سکر ۾ دعوت القرآن والسنت پاران ختم القرآن جي تقريب

سکر(بيورو رپورٽ)تنظيم فڪرونظرسنڌ جي زيرانتظام مدرسہ/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

لاڙڪاڻي جي ڏڙي ٽائون انتظاميه پاران مختلف يوسين ۾ کليل گٽرن کي بند ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڏڙي ٽائون جي چيئرمين/ڏسو صفحو 3 بقايا 8

پ پ ايم اين اي علاوالدين جوڻيجو صحافين کي وٺي پنهنجي زمين تي پهتو، سروي ڪرايو

مقتول ڌر پ پ ايم اين اي جا الزام رد ڪري ڇڏيا، صحافين جي پهچڻ تي احتجاج، ڇڪتاڻ

پنهنجي زمين تي سنڀال لاءِ وڃي ٿو ته مخالف ڌر حالتون خراب ڪري پاڻ کي بچائڻ چاهي ٿي: علاوالدين جوڻيجو

علاوالدين جوڻيجو جي فصل کي هٿ به نه لاتو، سڀ الزام بي بنياد آهن. ظلم ته اسان سان ٿيو آهي: مقتول ڌر

چوٽيارين (رپورٽ سيد لعل خان شاهه) پيپلزپارٽي جي قومي اسيمبلي ميمبر ايم اين اي علاءالدين جوڻيجو صحافين کي وٺي پنهنجي زمين جو دورو ڪرايو جتي ڏيڊ مهينو اڳ ٿيندڙ خوني تڪرار ۾ ٽي ماڻهو قتل ۽ 19 زخمي /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

چوٽيارين: علاوالدين صحافين کي زمين جو معائنو ڪرائيندي، ٻي پاسي عورتون احتجاج ڪري رهيون آهن

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_ آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي